لائبريرين کي ڏنائون. پاڻ فرمائيندا هئا تہ ڪاليج گورنمينٽ جي حوالي ڪري ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ ٺهرائبا مگر افسوس حياتي وفا نہ ڪئي.

ويچارا وڻجارا ويا ڇني سڱ سندام،
ايئن ڇئي ڇڪام اسان اچڻ ايترو.

ڪاليج جي هاسٽل جو بنياد پاڻ وڌائون باقي سموري تعمير ۽ تڪميل سندن وفات بعد قبلہ حضرت مخدوم محمد زمان سائين جن ڪئي. اها ڳالھہ بہ پيا ورجائيندا هئا تہ هڪ ديني مدرسو انهن ادارن لڳ تعمير ڪرائبو جيئن دنيوي تعليم سان گڏ ديني تعليم ڏجي ۽ انهيءَ لاءِ پاڻ شام جو وقت تجويز ڪيائون. عارضي طور ديني تعليم ڏيڻ جي سلسلہ ۾ پاڻ اسڪول ۽ ڪاليج ۾ سيزن ڪلاس شروع ڪرايائون.

درگاهہ شريف جتي سومار شريف کان علاوه جمع نماز جي جماعت تمام ڪثير تعداد ۾ ٿيندي هئي، مسجد کان ٻاهر صفون ٿينديون هيون. ڪجھہ نمن جي ڇانو هئي ۽ شاميانہ لڳايو ويندو هو پاڻ ان تڪليف کي محسوس ڪندي، مسجد شريف ۽ گنبذن اڳيان هڪ نهايت وڏو ڪشاده ورانڊه تعمير ڪرايائون جو اڄا تائين جماعت لاءِ وڏو سک ۽ آساس آهي.

مدرسة البنات اسڪول حيدرآباد کي بہ خاصي امداد ڏنائون. ان کان علاوه گهڻو ڪري جا بہ مسجد تعمير ٿيندي هئي ۽ ڪو چنده لاءِ ايندو هو يا خبر پوندي هئي تہ حتي الوسعت امداد ڪندا هئا. 1948ع ۾ جڏهن مهاجر هندستان مان ڪسمپرسي جي حالت ۾ پهتا هئا تہ پاڻ ديڳيون پٽن ۽ ٻوڙن جون گاڏيءَ تي پهچائيندا هئا ۽ جن جي آباد ٿيڻ تائين ڪين اسڪول ۽ ڪاليج جي عمارت ۾ بطور مهمان رهايو ويو جتي سندن هر قسم جي خاطري ٿيندي هئي. پاڻ سياسي زندگيءَ جي شروعات ميونسپل هالا جي پريزيڊنٽيءَ سان ڪيائون ۽ هالا شهر جي خوب خدمت ڪيائون. پاڻ مسلم ليگ سان تعلق رکندا هئا. پاڪستان جي ٺهڻ ۾ سندن اندروني ڪافي هٿ رهيو. سنڌ اسيمبليءَ جي پهرين انتخاب 1937ع ۾ پاڻ ميمبر منتخب ٿيا ۽ ڪافي وقت ميمبر چونڊبا آيا. اسيمبليءَ ۾ سندن وڏي هلندي هئي ڪو بہ بل ايندو هو تہ ان کي پاس ڪرائڻ ۾ سندن وڏو حصو هو ڇاڪاڻ تہ سندن چڱي ميجارٽي هئي، ان دوران سنڌ جي خدمت سان گڏ ڪيترن ماڻهن کي

Gul Hayat Institute

ان بعد نارن تي ايندا اتي مغرب پڙهي وري بنگلہ تي ايندا هئا. ڪار گذار ماڻهو سڀ پنهنجي سڄي ڏينهن جي ڪارروائي ٻڌائي وڏيڪ مشوره وٺندا هئا. عشا بعد وري علمي ادبي سٽي ڪچهري ٿيندي جا 10 ڪان 12 تائين هلندي وري ڏيڍيءَ تي اسرندا. آخري ايامن ۾ بہ معمولات ۾ گهٽ فرق آندائون.“[375]

معمارِ هالا، محسنِ تعليم مولوي حضرت مخدوم غلام حيدر رحمة الله عليه جو انتقال 26- رمضان 1372هہ[376] مطابق 9- جون 1953ع تي هالا ۾ ٿيو. ڪين درگاهہ حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ الرحمت جي حضرت مخدوم نعمت الله رحمة الله عليه واري چوڪنڊي ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو. بعد ۾ اها چوڪنڊي سندن ئي نالي سان سڏجڻ لڳي.

---

[375] قاضي غلام محمد قريشي، سروري ميگزين، ص: 18 ڪان 24.

قاضي غلام محمد قريشي (1924ـ1991ع):

قاضي غلام محمد بن قاضي محمد اعظم بن قاضي ابو المعالي بن قاضي محمد عظيم بن قاضي محمد قابل ساڪن هالا پراڻہ 14- فيبروري 1924ع ۾ تولد ٿيو. قاضي محمد قابل مرحوم حضرت مخدوم نوح عليہ رحمت جن جو مريد هو. اڄ تائين بہ الحمد الله اهو سلسلو جاري آهي. قاضي غلام محمد، اسڪول هالا پراڻا مان پرائمري تعليم حاصل ڪري انگريزي تعليم اي وي اسڪول هالا نوان مان حاصل ڪئي ۽ 1955ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان فرسٽ ڪلاس ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين. بي-اي 1960ع فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين. ايل - ايل بي 1962ع ۾ پاس ڪيائين ان ڪان سواءِ هيوميوپيٿي جو امتحان پاس ڪري جرمن زبان ۾ ڊپلوما ڪيائين. قرآن شريف ۽ عربي فارسي تعليم مدرسہ اشرفيہ هالا پراڻہ مان حاصل ڪيائين ان ڪانسواءِ مولوي عبدالرئوف قريشي بختيارپوري ۽ حافظ مدني صاحب ڪان بہ پڙهيو. پاڻ 1953ع ڪان 1970ع تائين ”سروري اسلاميہ ڪاليج“ جو اعزازي سيڪريٽري تي رهيو ۽ هر جمع تي سيرت ڪلاس وٺندو هو. سندس وفات 21 نومبر 1991ع تي ٿي. (يادِ رفتگان، ص: 415/414).

[376] گنجينهٔ اسرار سروريہ قلمي.

# ضميما:

## 18: ڪمال فقير نوشهرائي[377]

(1877_1910ع)

پير ڪمال رحمة الله عليہ جي نسب جو سلسلو جناب رسول الله ﷺ جن جي سوٽ، جناب حارث بن نوفل[378] جي اولاد سان وابستہ آهي. ان خيال سان پاڻ هاشمي ۽ قريشي هو. پير ڪمال جا وڏا، عرب کان سپ کان اول بخارا ۾ لڏي آيا ۽ ان کان پوءِ، نوشهرو سنڌ ۾ اچي سڪونت پذير ٿيا. نوشهروفيروز ۾ سنڌن خاندان جو جد امجد حضرت مخدوم عبدالرحمان نوشهرائي، هڪ جيد عالم ۽ صاحبِ شرع بزرگ ٿي گذريو آهي. هي بزرگ، حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي درگاهہ فلڪ پائگاهہ سان وابستہ هو ۽ پنهنجي مرشد جي حڪم موجب نوشهري فيروز ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. ڪمال فقير، حضرت مخدوم عبدالرحمان نوشهرائي جي ڇهين پيڙهي هئا ۽ سال 1877ع ۾ نوشهري فيروز ۾ تولد ٿيا.

ان بزرگ حضرت مخدوم عبدالرحمان نوشهرائي کي ميان "عدَرُ" بہ لاڏ ڪوڏ وچان چوندا هئا، يا ڪو ٻيو بزرگ هو جنهن کي "ميان ادر" چوندا هئا (والله اعلم). ميان عدر (ادر)، حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جن جو مريد هو ۽ هو پنهنجي محبّت ۽ عقيدت وچان، مرشد جي خدمت ڪرڻ لاءِ، هالا پراڻا ۾ اچي رهيو هو. پراڻا هالا ۾ هميشہ ذڪر و فڪر ۾ مشغول رهندو هو باقي

Gul Hayat Institute

[377] ڪلياتِ ڪمال، ص: 16/15/14/13/12/11/10/9.

[378] اسان جي تحقيق مطابق حارث بن نوفل، جناب رسول الله ﷺ جن جو سوٽ نہ پر سوٽ جو فرزند هو ۽ سندس سلسلو هن طرح آهي:
الحارث بن نوفل بن الحارث بن سيّدنا عبدالمطلب بن سيّدنا هاشم الحارثي القريشي. حارث بن نوفل کي ٽي پٽ ڄاوا. عبدالله، سعيد ۽ مغيرة. عبدالله بن حارث بن نوفل جي والده معاويه جي پيڻ ۽ ابو سفيان جي نياڻي هئي، عبدالله، مروان جي خلافت واري دور ۾ مديني پاڪ جو قاضي ٿيو. پير ڪمال جو سلسلہ نسب حضرت مخدوم عبدالرحمان نوشهرائي ۽ حارث بن نوفل تائين ڪيئن ٿو پهچي انجي تحقيق ٿيڻ کپي ممڪن آهي تہ انهيءَ تحقيق سان سهروردي سلسلي جون ڪي ڪٿل ڪڙيون سمجهہ ۾ اچن. (مخدوم جميل الزمان)

وقت تي جهنگ ۾ وڃي ڪاٺين جي ڀري ڪري، ان جا ڪنڊا پنهنجي وات سان سوئي، ڪاٺيون صاف ڪري، مرشدن جي دروازي تي پهچائي ويندو هو. انهن ڪاٺين جي ٻڌڻ واري نوڙ (جيڪا ڏيپ لڳي، پنهنجن هٿن سان وٽي ٺاهيندو هو) پانڌي ۾ چڙهي ويندو هو.

هڪ ڏينهن، حضرت مخدوم نوح سرور ﷫ جن کي پنهنجي حويليءَ جي ديوارن (ڪوٽ) جي مرمت ڪرائڻ جو خيال ٿيو. معلوم ٿين ته مٽيءَ (گاري) ۾ جيڪو ٻهه استعمال ٿيندو آهي، اهو موجود ڪين آهي. سندن ارادي ۽ عزم کي سمجهي، هڪ فقير عرض ڪيو ته "پانڌي ۾ ايترا ٻنڌڻ پيا آهن، جي جيڪڏهن ڪتر ڪري استعمال ڪيا ويندا ته پوءِ مرمت جو ڪم پورو ٿي ويندو" ان تي پاڻ وراڻيائون ته "اهي ايترا ٻنڌڻ پانڌي ۾ ڪيئن گڏ ٿيا؟" ان تي سندن مريدن عرض ڪيو ته .اهي ٻنڌڻ، ادر فقير جي ڪاٺين وارا آهن، جي روز هو پانڌي ۾ اڇليو ويندو هو." پاڻ فرمايائون ته " ان فقير کي اسان وٽ حاضر ڪيو." سندن حڪم تي، ماٺهو ميان ادر کي وٺي آيا. پاڻ کيس ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ اجوري ڏيڻ جي آڇ ڪيائون. جنهن تي ميان ادر عرض ڪيو ته. "قبلا سائين دعا جي ضرورت آهي!" اهو ٻڌي پاڻ خاموش رهيا. ۽ فقير جي ٻانهن هڪ دڪاندار جي حوالي ڪري، فرمايائون:

"هي فقير جو ڪجهه به گهري، ان کي ڏنو وڃي، ان جي ادائگي، اسين ڪنداسين."

ميان ادر، مرشد جي حڪم موجب، روز دڪاندار وٽ ويندو هو ۽ کانئس هڪ پائيءَ جا پڳڙا وٺي، انهن کي هٿن ۾ مهٽي صاف ڪري، ڪلون ڪائي چڙهيندو هو ۽ پڳڙا دڪاندار کي واپس ڏيندو هو. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ، حضرت مخدوم نوح ﷫ جن ماڻهو موڪلي، دڪاندار ڪان فقير صاحب جي ڪنڌي جي خبر ورتي. ماڻهوءَ کي، دڪاندار ڪان معلوم ٿيو ته سندس ميان ادر ڏي هڪ پائي حساب جي به ڪا نه آهي. ان خبر تي ان قاصد، دڪاندار ڪان سارو احوال معلوم ڪيو، جنهن کيس ساري حقيقت ٻڌائي. اها ساري خبر جڏهن حضرت مخدوم نوح ﷫ وٽ پهتي، تڏهن پاڻ ڏاڍا راضي ٿيا، ميان ادر کي گهرائي کيس دعا ڪرڻ فرمايائون ته:

"نوشهري ڪان اورئين طرف ميون، ۽ پرئين طرف پير ٿي سڏبين."

ان دعا ڪان پوءِ، ميون ادر، مرشد ڪان موڪلائي نوشهري فيروز پهتو.

بخش اصل ناگور جو رهاڪو هو ۽ مدرسه نوشهري جي بورڊنگ هائوس ۾ مسجد جو امام ۽ قرآن شريف جو استاد هوندو هو. حاجي محمد صالح چنو ۽ آخوند محمد يوسف خطيب نوشهرائي به سندس صحبتي هئا. وفات کان چار سال اڳ. حج تي ويو. پر اهو سارو سفر جدي کان مڪي تائين ۽ مڪي کان مديني تائين پيادل ڪيائين ۽ واپسيءَ ۾ جدي تائين به پيادل پهتو.

### شادي:

والده صاحبه ۽ وڏي ڀاءُ مرحوم جمال جي چوڻ ۽ ستائڻ تي سڏوجن جي ڀيڻ خاندان مان شادي ڪيائين. جنهن گهر مان تي ٻار پيدا ٿيا. انهن مان به زنده آهن. هڪ پير غلام حيدر (ويسٽ پاڪستان هاءِ ڪورٽ) جو جج آهي. ٻي نياڻي آهي، جنهن جي شادي پنهنجي ڀاءُ جمال الدين جي پٽ پڳدار پير ميان تراب علي سان ٿيل آهي. جو هن وقت نوشهري فيروز ٽائون ڪميٽيءَ جو چيئرمين آهي.

### مرشد جو ادب:

ميان ڪمال جو تعلق حضرت ظهيرا الدين عرف حضرت مخدوم پرو جام سان هو. سندس مريدانه ادب عشق جي حد تائين هو. هي بزرگ موجوده سجّاده نشين، حضرت مخدوم محمد زمان سائين "طالب المولىٰ" جو ڏاڏو هو. ميين ڪمال جڏهن به نوشهري فيروز کان هالا ڏانهن ايندو هو تڏهن دستور موجب، هميشه پيرين اگهاڙو ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هالا ڏانهن ايندي ڪاڪن فقيرن (ڪاڪا فقير، حضرت مخدوم نوح ؒ جن جا مريد آهن) وٽ ايندو هو. هڪ ته ڪاڪا فقير به حضرت نوح سرور ؒ جا مريد هئا ۽ ٻيو سبب هي هو جو سندس وڏي ڀاءُ جي شادي، انهن فقيرن مان ٿي هئي. فقير صاحب کي پيرين پيادي پنڌ ڪرڻ تي، پيرن ۾ لڦون پئجي وينديون هيون. انهن کي لوڻ ۽ تيل جي مالش به اتي ڪاڪن فقيرن ۾ اچي ڪرائيندو هو. اتي رات رهندي، پنهنجي دوستن ۽ صحبتين کي سومار شريف تي هلڻ لاءِ رغبت ڏيندو هو ۽ پاڻ سان گڏجي هلڻ لاءِ آماده ڪندو هو. واٽ ويندي ٻين سيني فقيرن کي به پيرين پيادي ٿي هلڻ لاءِ چوندو هو. فرمائيندو هو: "رستي ۾ مرشد جا گلم وڇايا پيا آهن. تنهن ڪري ادب سان هلو." رستي ۾ هلندي، سندس چوڻ تي به جيڪو جُتي نه لاهيندو هو ته پوءِ زوريءَ سندس جُتي

Gul Hayat Institute

هڪ ڀيري ڪمال فقير پنهنجي فقراءَ جي ٽوليءَ سميت نوشهري ڪان هالين آيو. حضرت مخدوم صاحب ميان ظهير الدين عرف پرو ڇام جن وٽ ڪچهري لڳل هئي. پاڻ فقير ڏانهن نياپو موڪليائون ته:

"اوهان فقيرن سان گڏ ڳائيندا. قلب کي گرمائيندا ڪچهريءَ ۾ اچو!"

فقير صاحب پنهنجي ٽولي سميت هيءُ ڪلام ڳائيندي، ڪچهريءَ ۾ آيو:

اڄ شڪر مبارڪ شاهه آيا. ساڏا پير مغان بادشاهه آيا.

## 19: ماستر نارائڻ داس[380]

ماستر نارائڻ داس ۽ سندس پاءُ چوهڙ مل سونارو هالا شهر ۾ رهندا هئا. ماستر نارائڻ داس شروع ۾ ورنيڪيولر اسڪول ۾ ماستر پڻ ٿي رهيو. جناب مخدوم مولوي غلام حيدر جن جي اڳواٽيءَ هيٺ ايجوڪيشن سوسائٽي هالا جي ميمبر جي حيثيت ۾ نمايان خدمتون انجام ڏنائين. مخدوم غلام حيدر جن جي انتقال 1953ع بعد ايجوڪيشن سوسائٽي هالا جي نئين سر تشڪيل ڏني ويئي، ماستر نارائڻ داس کي سندس بيش بها خدمتن کي مدِنظر رکندي ان ۾ ميمبر طور کنيو ويو. ماستر نارائڻ داس ڪجهه عرصو جناب مخدوم غلام حيدر وٽ ڪارخاني جو عام مختيار به ٿي رهيو.

## واقعاتي تاريخ

(1331_1345هه/1913_1927ع)

### 1913ع

3_ سيپٽمبر:

صاحبِ شريعت حضرت مخدوم ظهيرالدين ولد حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه جي دستاربندي ٿي، پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جا 15_ نمبر سجّاده نشين هئا. (1_ شوال 1331هه).

[380] مخدوم محمد زمان طالب المولى، ص: 78

Gul Hayat Institute

31_ آڪٽوبر:
آغا خان، آل انديا مسلم ليگ جي تاحيات صدر واري عهدي تان استعيفيٰ ڏني.

## 1914ع

16_مارچ:
پير حاجي هدايت الله راشدي ٺلاهي بن پير محمد ياسين شاهہ راشدي جو انتقال ٿيو (18 ربيع الثاني 1332 ھ)
20_اپريل:
سيد جڙيل شاهہ اجناڻي بن سيد محمّد راول شاهہ ڄائو. پاڻ سيد فتح محمد اجناڻي رحمة الله عليه جو ناٺي ۽ سجّاده نشين هئو. کيس 'سيّد وڏي' جي نالي سان پڻ سڏيو ويندو هئو.
3_ جون:
سيّد صاحب ڏني شاهہ ولد سيّد محمّد شاهہ جو وصال ٿيو. پاڻ شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جي ڏهين پيڙهي مان هو ۽ بعد ۾ سجّاده نشين بہ ٿيو.
27_جولاءِ:
نقير نواب ولي محمد خان لغاري ولد نواب احمد خان لغاري جو وصال ٿيو.
14_آگسٽ:
امداد علي ڀٽو ولد سر شاهنواز ڀٽو ڄائو.

## 1915ع

2_مارچ:
پاڪستان جو سابق وزير اطلاعات و نشريات قاضي عبدالمجيد "عابد" سيوهڻ ۾ ڄائو.
1_جون:
صوفي فقير ڏاتار بخش بن صوفي فقير خير محمد جي ولادت ٿي.
13_آگسٽ:
مشهور اديب ۽ دانشور محمد ابراهيم جويو ڄائو.
31_آگسٽ:
مير علي احمد خان ٽالپر، ٽنڊي مير نور محمد حيدرآباد ۾ ڄائو. مير صاحب،

Gul Hayat Institute

جنرل ضياءَ الحق جي دور ۾ پاڪستان جو وزير دفاع ٿي رهيو.
5 سيپٽمبر:
مخدوم پير رڪيل ريلائي جو وصال ٿيو (27 محرم 1334 ھ)
24_ ڊسمبر:
ملڪ جو مشهور قانوندان ۽ آئيني ماهر، اي- ڪي- بروهي، ڳڙهي ياسين ۾ ڄائو.

## 1916ع

25_ مارچ:
جيٺانند ياونداس لعلواڻي حيدرآباد ۾ ڄائو. هي صاحب سنڌ ۾ "پارت جيون" نالي ماهوار رسالو ڪڍندو هو. جيڪو ورهاڱي تائين هلندو رهيو.
10_ جون:
هر درياني "دلگير" لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.
9_ جولائي:
پير محمد ابراهيم "خليل" سرهندي جي ولادت ٿي (7_ رمضان 1334ھ).
11_ سيپٽمبر:
مرزا مراد علي بيگ "بيدل" ولد مرزا فتح علي بيگ جو وصال ٿيو. سندس ولادت 1862ع ۾ ٿي. مرزا قاسم بيگ ۽ سيد مصري شاهه سندس استاد سخن هئا.

## 1917ع

4_ فيبروري:
پاڪستان جو اڳوڻو صدر ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جنرل يحيٰ خان پشاور ويجهو ڄائو.
1_ اپريل:
سنڌ مسلم ليگ قائم ٿي.
25_ اپريل:
مخدوم الله بخش عرف عطا محمد جو وصول ٿيو (2_ رجب 1335ھ). پاڻ عباسي خاندان جو فرد هئو سندس سلسلهٔ نسب مخدوم عبدالرحمان شهيد سان ملي ٿو. سندس مُهر تي هيءَ سجع نقش هئي:

Gul Hayat Institute

"سعادت دو جہانم عطا محمد کرد"

6_ آڪٽوبر:

قادر بخش "بشير" سومري جي شاعري جي ابتدا ٿي.

3_ نومبر:

سنڌ پراونشل ڪانفرنس جي خاص گڏجاڻي حيدرآباد ۾ ٿي.

5_ نومبر:

مولانا محمد اسماعيل فيروزشاهي جو وصال ٿيو. مولانا ذات جو سومرو هو (19_ محرم 1336هـ).

27_ ڊسمبر:

سنڌ جو مشهور قادرالڪلام غزل گو شاعر خليفو محمد عمر "اختر هالائي"، هالا نوان ۾ ڄائو.

آيو مسيح آهي محبّت جي لاش تي،
'اختر' وري بہ زندهہ ٿيڻ تو نصيب ٿئي.

1918ع

7_ جنوري:

سيد جمال شاهہ بن سيد نور شاهہ پاٽوٺيءَ جو وصال ٿيو.

23_ جنوري:

قاضي محمد بخش 'عاجز' ولد قاضي ابوالخير جو ڪراچيءَ ۾ انتقال ٿيو.

18_ مارچ:

مولانا حاجي محمد هالائي جو وصال ٿيو (4_ ربيع الثاني 1336هـ).

21_ جون:

مولانا عبدالغفور 'مفتون' همايوني جو انتقال ٿيو.

13_ آگسٽ:

سليمان شاهہ "سالم" ولد غلام محمد شاهہ جو وصال ٿيو. سندس ولادت ڳوٺ دبر تعلقي روهڙي ۾ ٿي. پاڻ درگاهہ حضرت شاهہ جلال رحمة الله عليه جو سجّاده نشين هئو.

20_ آگسٽ:

مولانا مفتي محمد صاحبداد جمالي، مدرسہ قاسميہ ڳڙهي ياسين ۾ علامہ مفتي محمد قاسم کان سَنَدَ حاصل ڪئي. (11_ ذيقعد 1336هـ).

Gul Hayat Institute

1_ سيپٽمبر:
سيد محمد سعيد شاهہ بن سيد ويڏيل شاهہ ٽکڙ ۾ ڄائو. سندس تخلص 'سعيد' هئو.
19_ آڪٽوبر:
پير پاون علي شاهہ 'ساقي' جو وصال ٿيو پاڻ فقير پير محمد شاهہ جي وصال بعد درگاهہ شاهہ قادريہ جو سجّاده نشين ٿيو.

اهو طائرِ دل اُڏامي نہ ويندو
پيا جنهن کي زلفن جا خم کهڙا کهڙا.
ساقي

10_ نمبر:
سيد حاجي محمد حافظ شاهہ جو انتقال ٿيو (5_ صفر 1337هہ). کيس حضرت خواجہ عبدالرحمان نقشبندي واري مقام ۾ دفن ڪيو ويو.
15_ ڊسمبر:
سنڌ جو مشهور صاحب طرز شاعر، اديب ۽ رٽائرڊ سيشن جج سيد حيدر شاهہ 'حيدر' اجناڻي، حيدرآباد ۾ تولد ٿيو. پاڻ سيد مٺن شاهہ اجناڻيءَ جو وڏو فرزند ۽ پڳدار هئو. سندس ڪلام جو مجموعو 'محفل' طالب الموليٰ اڪيڊمي طرفان شايع ڪيو ويو.

1919ع

4_ جنوري:
بيگم زينت عبدالله چنا جي ولادت ٿي.
12_ مارچ:
ميان عبداللطيف پٽي (ڄم 1274هہ/1857_1858ع) بن ميان دين محمد پٽي جو وصال ٿيو (9_ جمادي الثاني 1337هہ).
28_ مارچ:
قائداعظم محمد علي جناح، رولٽ ايڪٽ 'Rowlatt Act' جي احتجاج ۾ امپريل قانون ساز ڪائونسل تان استعيفيٰ ڏني.
13_ جون:
قلندر بخش 'نثار بزمي' ولد وڏيرو محمد حسن خان جوڻيجو مرزاپور ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو.

Gul Hayat Institute

13_ سيپٽمبر:

شمس الدين ’بلبل‘ ولد بهادر خان شينو جو انتقال ٿيو.

4_ آڪٽوبر:

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن جي ولادت ٿي. پاڻ حضرت مخدوم غلام محمد ’مغموم‘ جا فرزند ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جا 17_ سجّاده نشين هئا. سندن انتقال 11_ جنوري 1993ع تي جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ ٿيو. کين 12_ جنوري 1993ع تي ٻنپهرن مهل درگاهه حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي وڏي مقبري ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

الله ئي الله، ٻيو سنيران ڪين ڪي،
ڪن ۾ ٻانگي ٻانگ سان، ڪيو آواز الاالله،
مادرُ مون معصوم کي، چيو لوليءَ ۾ لله،
ڪونهي ٻيو ڪريم ري، هو شاهَن سندو شاهه،
آهي ان جي امر ۾، سفيد ۽ سياهه،
هادي هو همراهه، هردم آهي هَگل ۾.

طالب المولىٰ رح

19_ آڪٽوبر:

خانبهادر سيد الهندو شاهه وصال ڪري ويو.

## 1920ع

7_ فيبروري:

جان محمد جوڻيجو ۽ پير تراب علي شاهه راشدي جي ڪوشش سان لاڙڪاڻي ۾ عظيم الشان ’خلافت ڪانفرنس‘ ٿي، جنهن جي صدارت پير رشيد الله راشدي جهنڊي واري ڪئي.

12_ فيبروري:

مير علي نواز شاهه ’علوي‘ ولد فخرالدين شاهه جو انتقال ٿيو. پاڻ شڪارپور جي شاهن مان هو سندس ولادت 1853ع ۾ ٿي. سندس سلسلءِ نسب امام محمد بن امير المومنين علي بن ابو طالب عليه السلام سان ملي ٿو. مير علي نواز جا وڏا ڪلهوڙن جي دورِ حڪومت ۾ افغانستان مان لڏي سنڌ ۾ آيا.

17_ مارچ:

شيخ مجيب الرحمان Tungipara، مشرقي پاڪستان ۾ ڄائو.

Gul Hayat Institute

26_ مارچ:
ڳوٺ مخدوم بلاول (ضلعي دادو) ۾ خلافت ڪانفرنس ٿي.

5_ اپريل:
سکر ۾ ستين (7) سنڌ پروانشل ڪانگريس ڪانفرنس ٿي.

17_ اپريل:
هالا ۾ خلافت ڪميٽي جو اجلاس ٿيو حاجي پير محمد انصاري صدارت ڪئي.

24_ اپريل:
خليفي ڇٽي 'درس' جو وصال ٿيو (4_ شعبان 1337هه). خليفو 1858_ 1859ع ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو محمد قابل هو.

10_ سيپٽمبر:
سيد شمس الدين شاهه 'شمس' ولد سيد فقير قطب علي شاهه جو وصال ٿيو.

24_ سيپٽمبر:
مرزا دوست محمد "دوست" ولد مرزا علي بخش بيگ جو وصال ٿيو.

22_ ڊسمبر:
حاجي مظفر حسين 'جوش' ولد حاجي محمد حسن علي آفندي ڄائو.

30_ ڊسمبر:
سنڌ جو مشهور اديب ۽ دانشور مولانا غلام محمد 'گرامي' ڄائو.

## 1921ع

8_ فيبروري:
هزهائينيس مير امام بخش خان ٽالپر جو انتقال ٿيو.

16_ اپريل:
رئيس المهاجرين جان محمد جوڻيجي جو اجمير شريف ۾ وصال ٿيو.

1_ مئي:
حاجي عبدالله هارون پهريون ڪراچيءَ جو ميونسپل ڪائونسلر منتخب ٿيو.

10_ جون:
موجوده ملڪهٔ برطانيا اليزبيٿ جو مڙس شهزادو فلپ، يونان ۾ ڄائو.

8_ جولائي:
ڪراچيءَ ۾ خلافت ڪانفرنس ٿي، جنهن جي صدارت مولانا محمد علي جوهر ڪئي.

Gul Hayat Institute

5_ آگسٽ:

گوبند مالهي، ٺارو شاهہ ۾ ڄائو. روزانہ اخبار 'آزاد' جو ايڊيٽر ٿي رهيو ورهاڱي بعد لڏي پارت ويو.

28_ سيپٽمبر:

علي برادران جو مشهور مقدمو شروع ٿيو.

1_ نومبر:

علي برادران جو مقدمو پورو ٿيو علي برادران کي مجرم قرار ڏنو ويو.

8_ نومبر:

پير پاڳارو سيد شاه مردان 'ڪوٽ ڏٺي' انتقال ڪري ويو (7_ ربيع الاول 1340هہ).

11_ نومبر:

مشهور دانشور علي احمد بروهي ڳوٺ ڪنيرا تعلقي اوباڙي ۾ ڄائو.

25_ ڊسمبر:

پهرين آل سنڌ ادبي ڪانفرنس لاڙڪاڻي ۾ ٿي، جنهن جي صدارت شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ ڪئي.

## 1922ع

1_ فيبروري:

ميان دين محمد پٽني ولد ميان عبداللطيف پٽني جي وفات ٿي.

12_ مارچ:

پروفيسر محبوب علي چنا ولد محمد صالح چنا سيوهڻ ۾ ڄائو.

18_ مارچ:

پرنس آف ويلز ڪراچيءَ آيو.

15_ اپريل:

سنڌ جو مشهور شاعر صوفي دوست محمد ولد ولي محمد سمون ڄائو. سندس تخلص 'ساجد سرشاري' هئو.

10_ آگسٽ:

حضرت مخدوم ظهيرالدين صدّيقي قريشيءَ سان سيد غلام مرتضيٰ شاهہ عرف 'جي ايم سيد' جي هالا ۾ پهرين ملاقات ٿي.

Gul Hayat Institute

12_ سيپٽمبر:
ملڪ صوبدار خان سوم (نهڙيو) جي ٽاٽي بولا خان ۾ وفات ٿي (19_ محرم 1341هه). پاڻ ملڪ سردار خان دوئم جو فرزند هئو.

22_ سيپٽمبر:
غلام محمد ڀرڳڙي، برطانيا طرفان يونان جي ترڪيءَ تي ڪاهه جي حمايت تي احتجاج طور انڊين ڪائونسل آف اسٽيٽس تان استعيفيٰ ڏني.

23_ آڪٽوبر:
مولوي عبدالله مري کي گرفتار ڪيو ويو.

10_ نومبر:
حضرت مولانا عبيدالله سنڌي، افغانستان کان ماسڪو پهتو.

## 1923ع

22_ فيبروري:
ٻهاري لال چاٻڙا شڪارپور ۾ ڄائو. ورهاڱي بعد ڀارت لڏي ويو.

6_ مارچ:
جاتيءَ ۾ "خلافت تحريڪ" جو جلسو ٿيو جنهن جي صدارت مولوي حاجي فتح علي جتوئي ڪئي. (17_ رجب 1341هه).

23_ مارچ:
سنڌ جو مشهور شاعر "شيخ اياز" شڪارپور ۾ ڄائو. سندس اصل نالو مبارڪ علي ۽ والد شيخ غلام حسين هئو.

15_ اپريل:
سيد غلام محمد شاهه "مشتاق" ولد سيد عيدن شاهه بخاري ڄائو. سندس سلسلهٔ نسب حضرت سيد جلال شاهه بخاري سان ملي ٿو. پاڻ آباءُ و اجداد کان حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جو مريد آهي.

1_ جولائي:
محمد خان "مولائي" ولد ميهر خان چانڊيو وڳڻ وڏا تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.

27_ آڪٽوبر:
مولوي عبدالله مري هڪ سال جي سزا ڪاٽڻ بعد آزاد ٿي وطن پهتو.

Gul Hayat Institute

12_ ڊسمبر:

سنڌ جو مشهور شاعر عبداللطيف ’راز‘ بلڙائي ڄائو. سندس والد عبدالستار ڪوريجو هئو. مخدوم طالب المولىٰ ۽ بسمل ٽڪڙائي شاعريءَ ۾ استاد هئس.

1924ع

4_ جنوري:

مٽيارين ۾ متعلوي سادات جي ڪانفرنس ٿي. سخي هاشم شاهه جي سجّاده نشين سيد الله يار شاهه ان جي صدارت ڪئي.

10_ فيبروري:

جي ايم سيد شام جو هالا پهتو. حضرت مخدوم ظهيرالدين رحمة الله عليه سان ”ڪانفرنس سادات“ منعقد ڪرڻ جو ذڪر ڪيائين. پاڻ دلچسپي ڏيکاريائون ۽ ڪاميابيءَ لاءِ دعا ڪيائون.

3_ مارچ:

ترڪيءَ ۾ ”خلافت“ جو خاتمو ڪيو ويو. آخري خليفي سلطان عبدالمجيد کي ملڪ نيڪالي ڏني ويئي.

9_ مارچ:

رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي جو انتقال ٿيو.

17_ مارچ:

سن ۾ متعلوي سادات جي ڪانفرنس ٿي، مولوي فتح محمد سيوهاڻيءَ صدارت ڪئي.

5_ اپريل:

سيد حاجي امام علي شاهه بن خانبهادر حسين علي شاهه ڄاموٽ جو وصال ٿيو.

15_ اپريل:

صوفي جهامنداس ’عاشق‘ ولد سيٺ جيئندل مل ڳوٺ ڪمن شڪارپور ۾ ڄائو.

17_ مئي:

سيد لطف علي شاهه ’منظور نقوي‘ ٽنڊي جهانيان ۾ ڄائو.

6_ جون:

ميرپورخاص مان اخبار ’مسلمان‘ جي اشاعت جو آغاز ٿيو.

Gul Hayat Institute

12_ جون:
هزهائينيس مير عبدالحسين خان ”سانگي“ (ڄم 1851ع) جو وصال ٿيو. پاڻ مير عباس علي خان جو فرزند هئو.

24_ جون:
سنڌ جي مشهور بزرگ اديب ۽ عالم، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جي ڳوٺ رئيس ڀنيو خان چانڊيو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ولادت ٿي (21، ذيقعد 1342ھ).

12_ آگسٽ:
پاڪستان جو ماڌل ڊڪٽيٽر صدر ضياءُالحق، جالنڌر ۾ ڄائو.

13_ آگسٽ:
هزارو خان ’مجاهد‘ ولد لعل بخش خان عباسي شهر گهوگهارو، تعلقو قمبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.

16_ ڊسمبر:
هوم اسٽيڊ هال، حيدرآباد ۾ سنڌ تعليمي ڪانفرنس جو افتتاح ٿيو. صدارت سر ابراهيم رحمت الله ڪئي.

## 1925ع

2_ فيبروري:
غلام مرتضيٰ عباسي ڄائو. سندس والد ميان جان محمد عباسي ۽ تخلص ’اعظم‘ آهي.

13_ مارچ:
خانبهادر سيد حسن علي شاھ ڄاموٽ (ڄم 1849ع) جو وصال ٿيو.

15_ مارچ:
الهورايو ”سليم ڳاڙهوي“ ڄائو. سندس والد الهڏنو مهر هئو.

10_ جون:
علي محمد ”خالدي“ ٺٽي ۾ ڄائو. سندس والد نهال خان لاشاري هئو.

15_ جون:
حضرت سخي قبول محمد صوفي جو وصال ٿيو (23_ ذيقعد 1343ھ). پاڻ 1261ھ ۾ درازن ۾ تولد ٿيو. سندس والد خواجه نجم الدين جو انتقال 1272ھ ۾ ٿيو، جڏهن ورهين جي عمر ٿيو.

Gul Hayat Institute

14_ نومبر:
مولانا عبدالله ٻيرائي جو وصال ٿيو.
15_ ڊسمبر:
سنڌ جو ڪهنه مشق شاعر محمد شفيع "انور هالائي" هالا ۾ تولد ٿيو. پاڻ آخري دم تائين بزم طالب المولىٰ سنڌ جو سيڪريٽري جنرل ٿي رهيو.
25_ ڊسمبر:
ٻي آل سنڌ ادبي ڪانفرنس مير ايوب خان بئريسٽر جي صدارت هيٺ حيدرآباد ۾ ٿي.

1926ع

21_ اپريل:
برطانيا جي راڻي ايلزبيٿ، لنڊن ۾ ڄائي.
15_ مئي:
بزم مشاعره ميرپور نل طرفان هن طرح تي مشاعرو ٿيو:
"محفلِ اغيار جي ڪيئن توکي الفت ٿي وڻي."
18_ جون:
رحمت الله "شوق" ولد آخوند اسد الله قريشي ڳوٺ پراڻو جهلي ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو.
27_ جون:
مولوي غلام رسول "هاشم" شڪارپوري جو وصال ٿيو.
2_ جولائي:
هن دور جو بهترين غزل گو شاعر محمد حسن "ساز" ڄائو. پاڻ عبدالله برفت جو فرزند آهي.

تنهنجي حالت اگر اها آهي
اي دلِ اشڪبار! ڇا ٿيندو؟
ساز

3_ جولائي:
سيد پير شهاب الدين لڪياري ولد سيد فتح علي شاهه لڪياري جو وصال ٿيو. (21_ذوالحج 1344هه).

Gul Hayat Institute

5_ آڪٽوبر:

محمد عمر "معمور يوسفاڻي" ولد حاجي يوسف پلي ڳوٺ پير محمد پلي تعلقي عمرڪوٽ ۾ ڄائو. (27_ ربيع الاول 1345هه).

18_ نومبر:

مرڪزي ليجسليٽو اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون.

30_ ڊسمبر:

شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ مسلم ليگ جي اجلاس ۾ عليحده سنڌ جو نعراءُ پيش ڪيو.

1927ع

5_ جنوري:

مرزا غلام حيدر بيگ (ڄم 1834ع) جو وصال ٿيو. سندس والد مرزا فتح علي بيگ ۽ تخلص "قنبر" هئو.

11_ جنوري:

حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي 15_سجّاده نشين حضرت مخدوم ظهيرالدين بن حضرت مخدوم امين محمد ثالث جو وصال ٿيو. (6 رجب 1345هه).

Gul Hayat Institute

# حضرت

# مخدوم غلام محمد "مغموم" عرف

# گل سائين صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه

(16_ سجّاده نشين درگاهہ شريف، هالا)

(ولادت: 1303هہ/1886ع، هالا شريف)

(سجّاده نشيني: 1345هہ/1927ع)

(وصال: 1364هہ/1944ع، هالا شريف)

(مدفن: وڏو قبو درگاهہ شريف)

Gul Hayat Institute

ولادت مبارڪ

تعليم

شادي ۽ اولاد

سجّاده نشيني

شاعري

حضرت مخدوم محمد امين فهيم سائينؒ جن جي ولادت جي پيشنگوئي

مظلوم پاران حق جي شاهدي

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولي سائين رحمة الله عليه جن جو ڪائنڊ ذڪر ونڊ

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه جن ڪي تحسين و آفرين

وصال

حضرت مخدوم غلام محمد سائين رحمة الله عليه جن جي فرزندن جو احوال

ضميما

واقعات تاريخ (1345_1364 ھ /1927_1944ع)

Gul Hayat Institute

# حضرت مخدوم غلام محمد "مغموم" عرف گل سائين صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه
(1303-1364هه/1886-1944ع)

حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير عليه الرحمت جن جا سورهون نمبر سجّاده نشين، حضرت مخدوم غلام محمد عرف "گل سائين" رحمة الله عليه ولد صاحبِ شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن وڏي ڪمال ۽ بزرگيءَ وارا فقير بير هئا. سندن فقيري ۽ فضيلت واري مهراڻ مان ڪئين سرسبز شاداب ۽ آباد ٿيا. گل سائين رحمة الله عليه جن، "سخاوت ۾ بيمثال هئا، جيڪي هوندو هون سو ڏئي ڇڏيندا هئا، سائل کي اهو ڏيندا هئا جيڪي هو گهرندو هو."[381]

"مخدوم صاحب نياز ۽ حلم جو مجسمو هو، ڳالهائيندو ٿورو هو، سدائين سڪوت ۾ رهندو هو جيڪڏهن ڪو ساڻس ڳالهائيندو هو ته ٻن ٽن چونڊيل لفظن ۾ اهڙو ته جواب ڏيندو هو جنهن تي وڏن جيد عالمن ۽ فيلسوفن کي به رشڪ اچي".[382]

"پاڻ صاحبِ اخلاق، صاحبِ تهذيب، صاحبِ تميز، صاحبِ خردمندي، صاحبِ سنجيدگي ۽ صاحبِ خموشي وغيره ۽ ذڪر فڪر ڪندڙ هئا، هميشه ڪنڌ هيٺ ڪري ويهندا هئا. ڪتابن جو گهڻو مطالعو ڪندڙ هئا تنهن ۾ به ديوانِ حافظ جو زياده مطالعو ڪندا هئا، هميشه خاڪي لباس ۾ ملبوس هوندا هئا."[383]

جن کي ڌُور درد جو سبق سور پڙهن
فڪر ڦرهي هٿ ۾ ماٺ مطالع ڪن
پنو سو پڙهن جنهن ۾ پَسن پرين کي
حضرت شاهه صاحب رح

---

[381] رفيق حيات، ص: 161.
[382] جي ايم سيد، جنب گذاريم جن سين، جلد 1، ص: 97.
[383] مخدوم محمد زمان طالب المولي، يادِ رفتگان، ص: 143.

Gul Hayat Institute

مجاور درگاهہ سروري[387] وٽ طئي ڪيائون ۽ باقي تحصيل پير جهنڊي جي ڪوٽ تي مولانا عبيدالله سنڌيءَ وٽ پير سيد رشيد الدين[388] (1836_1899ع) جي وقت ۾ ڪيائون.[389] امامِ انقلاب مولانا عبيدالله سنڌيءَ (ولادت: 10 مارچ 1872ع وصال: 22 آگسٽ 1944ع) کان فارسيءَ سان گڏوگڏ مثنوي مولانا روم ﷫ جو سبق پڻ ورتائون. مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائون. "ڪافي" ڪتاب واري تصوير سندن ان زماني جي يادگار آهي. پاڻ وڏا عالم ۽ صحبت يافتہ هئا. اهل الله ۽ عالمن جا مربي، بزرگن ۽ فقيرن جا سهيوڳي هئا. درس نظامي جا فارغ التحصيل ۽ دستاربند عالم هئا ۽ انگريزي تي بہ عبور حاصل هو.[390]

## شادي ۽ اولاد:

پاڻ هڪڙي شادي ڪيائون، سندن شادي خانہ آبادي 1914_1915ع ۾ هالا شريف ۾ ٿي. جيڪا سندن والد بزرگوار ڪرائي هئي. حضرت مخدوم غلام محمدرح جن جي عمر ان وقت ٽيهہ سال هئي. سندن سُهرو اٺل خان،

---

[387] قاضي حافظ مولوي شفيع محمد (1870_1935ع):
مولوي شفيع محمد 19 ذيقعد 1286ھ مطابق 21 فيبروري 1870ع تي تولد ٿيو. قرآن پاڪ جو علم پنهنجي والد حافظ حاجي آخوند محمد قاسم کان حاصل ڪيائين ۽ مولانا محمد عمر ڪُبڙَ وٽ تحصيل ياب ٿيو. آخوند صاحب، پهرين حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار ﷫ ۽ بعد ۾ حضرت مخدوم ظهير الدين ﷫ جن وٽ حاضري ۾ رهيو ۽ سندن خواهش تي، ڪڏهن ڪڏهن ڪين صبح ۽ شام جي وقت مثنوي مولانا روم ﷫ پڙهي ٻڌائيندو هو. حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار ﷫ جن کيس هالا شهر جو قاضي مقرر ڪيو. سالن جا سال وڏي ايمانداري انصاف ۽ بي ريائي سان ذميداري نڀايائين. آخوند شفيع محمد شادي ڪا نہ ڪئي، سندس انتقال 15 ذيقعد 1353ھ مطابق 20 فيبروري 1935ع تي هالا ۾ ٿيو.

[388] حضرت پير سيد رشيد الدين ولد پير سيد محمد ياسين راشدي جي ولادت، 1836ع ۾ ٿي ۽ سندس وصال، 7_ربيع الاول 1317ھ/16 جولاءِ 1899ع تي ٿيو. سندس روضو ڳوٺ پير جهنڊي ۾ آهي. سندس والد پير سيد محمد ياسين راشدي جو انتقال 18 فيبروري 1859ع تي ٿيو. احوال لاءِ ڏسو تذڪره مشاهيرِ سنڌ، جلد 3، ڇاپو 1986ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

[389] ڪچڪول، مقدمو، ص: 35.

[390] رفيقِ حيات، ص: 160.

Gul Hayat Institute

دراني پٺاڻ هو.[391] الله جي فضل وڪرم سان ڪين ٻه نياڻيون ۽ ٽي فرزند ٿيا. سندن فرزندن جا اسمائي گرامي هن طرح آهن:

حضرت پير ميان محمد زمان رحمة الله عليه
(1916_1916ع)

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه
(1919_1993ع)

حضرت پير ميان امين محمد رحمة الله عليه
(1925_1928ع)

## سجّاده نشيني:

حضرت گل سائين رحمت الله عليہ، پنهنجي مرشد ۽ والد بزرگوار

---

[391] اٽل خان دراني:

اٽل خان دراني ولد مير محمد خان پوپلزئي دراني پٺاڻ جي ولادت ڪوٽ سبزل، رياست بهاولپور ۾ ٿي. سندس سلسلہ نسب مير محمد خان کان ٽيندو سردار جهان خان پوپلزئي سان ملي ٿو. سردار جهان خان کي قنڌار جي بادشاهہ احمد شاهہ ابداليءَ پنهنجي فرزند، واليءَ لاهور شهزادي تيمور جو معاون مقرر ڪيو هو. سردار جهان خان پنهنجي ڪٽنب ۽ قبيلي سان گڏ پهرين ڪوٽ سبزل ۾ مقيم ٿيو جتان 18 صدي ۾ خاندان جي ٻين افراد سان گڏ لڏي سنڌ ۾ آيو سندس ٻيا مٽ مائٽ (مير محمد خان وارا)، سبزل ڪوٽ ۾ ئي رهيا، اتي رهڻ جي ڪري سندن ٻولي آهستہ آهستہ متجي سرائڪي ٿي وئي، مير محمد خان جي انتقال بعد، اٽل خان دراني پنهنجي ڀاءُ ڪمال خان ۽ همشيره سان گڏ هميشہ لاءِ بهاولپور مان هجرت ڪري مختلف هنڌن تي ترسندو بالآخر اچي گڏؤ (موجوده پٺاڻ ڳوٺ، حسين آباد، حيدرآباد) ۾ رهيو. اٽل خان کي هڪڙي نياڻي بيبي (والده صاحبہ حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رح) ۽ ٻہ فرزند مير محمد خان ۽ محمد يوسف خان تولد ٿيا. ڪمال خان کي هڪڙي نياڻي ڄائي جنهن جو نڪاح غلام محمد خان عرف خان وڏي سان ٿيو. سندن همشيره جي شادي خدا يار خان سان ٿي، جنهن مان هڪڙي نياڻي تولد ٿي جيڪا خان غلام محمد خان جي چاچي محمد حسن خان جي نڪاح ۾ آئي. محمد حسن خان لاولد انتقال ڪيو. اٽل خان درانيءَ جو انتقال اندازاً 1914ع کان اڳ وڏي عمر ۾ ٿيو سندس مزار پٺاڻ ڳوٺ ۾ موجود آهي.

Gul Hayat Institute

صاحب شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين عليہ الرحمت جن جي وصال 11 جنوري 1927ع بعد 9 رجب 1345هہ مطابق 14 جنوري 1927ع[392] تي سورهين سجّاده نشين جي حيثيت سان حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور عليه الرحمت جن جي فقيري مسند تي رونق افروز ٿيا.

## شاعري:

ڪين فقيري ۽ شاعري ورثي ۾ مليون هيون. پاڻ صاحب الطرز شاعر هئا. شعرن ۾ مٺي ۽ فصيح ٻولي ۽ وڻندڙ استعارا استعمال ڪيا اٿن. سندن تخلص "مغموم" هو ۽ ڪٿي ڪٿي "سرور علي" بہ تخلص طور ڪتب آندو اٿن.

"محمد فقير ڪٽياڻ ۽ مهدي سائين پنهنجي ٻالڪن تي نئون نالو رکندا هئا ۽ نالي جي پويان "علي" جو لفظ ضرور هوندو هو جيئن "امام علي"، "بحر علي" ۽ "مظهر علي" وغيره تيئن فقير صاحب مرشدنا والد صاحب جن کي بہ "سرور علي" ڏنو مگر پاڻ سندس ٻالڪا ڪو نہ هئا تاهم نالو پسند ڪيائون ۽ سجع لکي مُهر ٺهرايائون."[393]

"حضرت مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه جن گهڻون ڪلام چيو ليڪن سندن ڪافي ڪلام دستياب ڪونهي. هڪ سہ حرفي، هڪڙو مرثيو هڪ فارسي غزل، ٻئي فرد. ٻئي سنڌي غزل ۽ ٻئي سنڌي ڪافيون موجود آهن. سندن ڪلام مجازي بلڪل نہ آهي."[394]

ماهنامہ فردوس 1956ع جي "حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه نمبر" ۽ يادِ رفتگان جي پهرئين شماري 1953ع ۾ جيڪا حضرت گل سائين رحمة الله عليه جن جي نالي ۾ ڪافي ڏني وئي آهي اُها حضرت گل سائين رحمة الله عليه جي نہ بلڪ فقير صاحب محمد فقير ڪٽياڻ جي آهي. حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ رح جن. يادِ رفتگان جي ٻئي ڇاپي ۾ ان جي نشاندهي فرمائيندي ان بدران گل سائين رحمة الله عليه جن جي پنهنجي ڪافي ڏني آهي. هتي گل سائين رحمة الله عليه جي اها ڪافي ۽ حضرت علي عليہ السلام جن جي شان ۾ چيل سندن سہ حرفي ڏجي ٿي:

---

[392] گنجينۂ اسرار سروريہ. قلمي.

[393] مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ. يادِ رفتگان. ص: 145.

[394] مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ. يادرفتگان. ص: 145.

## ڪافي[395]

ڪاهي تون رس ڪمڪَ تي هربار يا عليٌ
پرتو اٿئي هي پازي پينار يا عليٌ
اي انّما جا انسر خير البشر جا دلبر
تنهنجو لقب ٿيو حيدر ڪرار يا عليٌ
اي هلَ اَتي جا صاحبَ شاهِ رُسل ﷺ جا نائب
طاعت تي تنهنجي واجب تقرار يا عليٌ
آقا هي وقت آهي رس تون مدد تي ڪاهي
دشمن کي ڪريو ڏاهي مسمار يا عليٌ
عاجز ابوجهه بيحد آهي "غلام محمد"
ان کي عطائي احمدً درڪار يا عليٌ

## سه حرفي

الف- اعليٰ آهه افضل اڪمل و اڪبر عليٌ
آن امام است اتقيا را اوّل و آخر عليٌ
ب- بهادر بت شڪن بدرالدجيٰ بوذر جو پير
باعمل بي مثل بهتر بعد پيغمبر عليٌ
ت- تواضع جي طلب ڪئي تاجدار انما
تابع امر الاهي تارڪِ تڪبر عليٌ
ث- ثنا مولا جي ثابت ساري قرآن ۾ ڏسو
ثاني سليمان جو چوان يا ثاني اسڪندر علي
ج- جنگجو پهلوان جائي جنابِ مرتضيٰ
جنگ جو جهونجهار بر جمله جهان جابر عليٌ
ح- حيا ۽ علم جو صاحب برادر مصطفيٰ
حامي هيڻن جو حبيب، دادگر حيدر عليٌ

---

395 يادِ رفتگان، ص: 146/147.

Gul Hayat Institute

خ- خليفو حق جو خالق جو خاصو خوش لقا
خلد جو خازن شِهِ خيبر ڪشا خاور عليؑ

د- درماندن جو دائم داد رس دلدل سوار
دلبرِ خير البشر داور جي در بهتر عليؑ

ذ- ذاتي ذڪر ۾ هو محو شير ذوالجلال
ذي حشم ۽ ذوالعطاءَ ۽ ذوالحياءَ ذاڪر عليؑ

ر- رضا تي ربّ راضي رازدانِ مصطفيٰ
رهنما راهِ يقين جو راستگو رهبر عليؑ

ز- زبردستِ جهان زورآزما شاهِ زمن
زينتِ ارض و سما ۽ صاحب و صفدر عليؑ

س- ساري سر الاهي جو سراسر رازدار
ساقيءِ ڪوثر سخي سلطان دين سرور عليؑ

ش- شاهِ اولياءَ شهزادهٔ عالي نسب
شير حق شاهِ حجازي شُڪر گو شاڪر عليؑ

ص- صلواتون صحيح صد بار صاحب جي مٿان
صف شڪن صائم سدائين صاف دل صابر عليؑ

ض- ضرغامِ الاهي زيردستان را پناهه
۽ ضعيفن لئي ضياءُ الدين زيباور عليؑ

ط- طمع ترڪ ڪئي تقدير جي تابع تمام
طالبن کي ترت تنگيءَ ۾ رسي طاهر عليؑ

ظ- ظفر ڪيئن اُحد ۽ خندق بضربِ ذوالفقار
زبده اولاد آدم طاهر و اظهر عليؑ

ع- عاشق عارفِ بالله عالم جو امين
عاجزانرا دستگير و قاتل عنتر عليؑ

غ- غالب ڪل غالب تي غلام محمد جو پير
غرق در بحرِ فنا از غايتِ اطهر عليؑ

ف- فلڪ تي فيض فائق فاتحِ بدر و حُنين
فارغ الدنيا و مافيها ڪان فاضل تر عليؑ

Gul Hayat Institute

قدر دانِ مصطفيٰ

ق- قربان راھِ حق ۾ قاهر عليؑ
قائم و قائد شه عقده ڪشا

ڪ- ڪعبي ۾ تولد ٿيو ڪشنده ڪافران
ڪاررِوان سالارِ امت قبلهٔ قنبر عليؑ

ل- لعلڻ لحمڪ و لحمي سان ٿيو جلوه نما
لطف جو سرتاج شيرِ حق شهہ شاطر عليؑ

م- مرقد جو محمد ﷺ جي مجاور مرتضيٰ
مصطفيٰ ﷺ من ڪنت مولا چيو شہِ منبر عليؑ

ن- نورِ ڪبرياء ۽ صاحبِ نهرِ لبن
نائبِ ختم الرسل ﷺ شد نافع و ناصر عليؑ

و- واحد ساڻ واصل رازدارِ انبيا
وارثِ خيرالأمم ﷺ والشيم قاهر عليؑ

ھ- هميشہ رک تون شاهِ هل اتيٰ "مغموم" کي
هجر کان زيارت جي حيران ٿو رهي هر هر عليؑ!

لام لائق لطف سان لاهيندو لوڏا مون مٿان
لائقِ لطف و لطافت صاحبِ لشڪر عليؑ

ء- عاصم آهيان آڌر امير المؤمنين!
شاد ڪر شاها! ز بهرِ شافعِ محشر عليؑ

ي- يَدُاللهِ فَوقَ اَيدِيهِم ثنا ساجد جو شان
يُنفِقُونِي فِي سَبِيلِ اللهِ، تون ياور عليؑ.

Gul Hayat Institute

پاڻ جوانيءَ کان وني فقيري اختيار ڪيائون ۽ آخر تائين تارڪ ۽ زاهد رهيا. سندن زهد ۽ رياضت، جهد ۽ جهاد بالنفس جو مثال اڄ ڪلهه ڪٿي بہ نظر نٿو اچي. اوائلي زندگي "پکن شريفن" تي چلن ۾ گذاريائون. اڄ تائين سندن آثار ۽ پکا اتي موجود آهن. سندن مجاهدن ۽ رياضن جو بيو مرڪز آهي ڪرڙي مڪان،[396] پاڻ خلوت جي زماني ۾ ڇهہ ڇهہ مهينا ٻاهر نہ

[396] ڪرڙي مڪان، نئين سعيد آباد وٽ تعلقہ هالا ۾ آهي (مصنف)

نڪتا، پر ڪڏهن ڪڏهن تہ روزانو "پڪن" تي ويندا هئا. صوم و صلوات جا پابند هئا، هر موسم ۾ عبادت گذار رهيا، پاري ۾ بہ ٿڌي پاڻيءَ سان وضو فرمائيندا هئا. سندن تصوف ۽ صوفيانه مشرب حقيقي ۽ خالص هو.[397]

سندن صوفيانہ مسلڪ رندانہ ۽ ملامتيہ قسم جو هو. مڪرو رياءَ، ناموس ۽ خرقہ سالوس کان گهڻو دور هئا.[398]

والد جي حياتيءَ ۾ ئي هن جو لاڙو فقيري درويشيءَ طرف هو. ابڙيچن[399] جي نزديڪ ڇارن ۾ چلہ ڪشي ۽ غور فڪر ۾ مشغول رهندو هو. خوش قسمتيءَ سان سگهوئي سندس محمد فقير ڪتياڻ سان واقفيت ٿي، جنهن "همہ اوست" جي نقطہءِ نگاهہ کان ڪيس نہ صرف واقف ڪيو پر ڪيس "خودي ڪانئڻ"، جي اهڙي تعليم ڏني، جنهن هن مان وڏ ماڻهپيءَ ۽ معتبريءَ جا سڀ اثر ختم ڪري ڇڏيا، اهو سندس خودي ڪانئڻ جو معراج هو جو هالن جي بازار مان فقيرن سان گڏ لنگهيو نہ تہ عام طرح مخدوم صاحب بازار ۾ اچڻ کي عيب سمجهندا آهن.[400]

مرشدنا قبلا والد صاحب جن روزانو ٻي بجي کان ڇئين بجي تائين مون کي تربيت ڏيندا هئا. هڪ ڀيرو فرمايائون تہ "اسان جو مذهب "حنفي" آهي. محمد فقير ڪتياڻ ( 1876_ 4 فيبروري 1941ع)[401] ۽ مهدي سائين (1889_1969ع)[402] سمجهن ٿا تہ اسين مرشد پيا ڳولهيون تنهن ڪري ٻئي نوان رنگ ڍنگ مرشد تيڻ لاءِ ڪن پيا ۽ پاڻ ڏي اشارو ڪري چيائون تہ "اهي هن فقير جي آڏو نچن پيا".[403]

حضرت مخدوم غلام محمد عليہ الرحمت جن محبانِ اهلبيت اجمعين هئڻ سان گڏوگڏ خوفِ خدا رکندڙ ۽ عاشقِ رسول ﷺ بہ هئا. مشهور روايت آهي تہ فقير وڏو عرف محمد فقير ڪتياڻ رحمه الله جڏهن حضرت مخدوم

Gul Hayat Institute

---

397 رفيقِ حيات، ص: 160.

398 رفيقِ حيات، ص: 161.

399 ڳوٺ الياس ابڙيجو تعلقہ هالا.

400 جي ايم سيد، جنب گذاريم جن سين، جلد 1، ص: 97.

401 يادِ رفتگان، ص: 122/123.

402 يادِ رفتگان، ص: 238.

403 مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، يادِ رفتگان، ص: 143.

غلام محمد جن وٽ سندن وڏي بنگلي تي رهاڻ لاءِ ايندو هو تہ پاڻ سندن نالي يعني "محمد" جي نسبت جي ڪري ڪيس پنهنجي سيرانديءَ کان وهاريندا هئا ۽ پاڻ سندس پير ۾ يا وري پيرانديءَ کان (مشرق طرف) تي ويهندا هئا. سندن اهو قدم جماعت جي خليفن ۽ مريدن کي ڏکيو لڳندو هئو جنهن جو اظهار پير ميان ڪوڙل صدّيقي قريشي[404] ۽ ٻيا. سندن خدمت ۾ ڪندا رهندا هئا.

## حضرت مخدوم محمد امين فهيم سائين رح جن جي ولادت جي پيشنگوئي:[405]

حضرت مخدوم محمد امين فهيم سائين جن 4 آگسٽ 1939ع تي تولّد ٿيا. سندن ولادت کان ٻتي مهينا اڳ هڪڙي ڏينهن حضرت گل سائين ﷫ جن، حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين ﷫ ۽ فقرا سان گڏ "ڪرڙي مڪان" تي منزل انداز هئا. حضرت گل سائين ﷫ پهرين پاڻ ڪافي دير تائين پڪن وارن صاحبن جو ذڪر ڪندا رهيا ۽ فقيرن کان پڪن وارن صاحبن جون ڳالهيون ٻڌندا رهيا. بعد ۾ فقيرن کي حڪم ڏنائون تہ پڪن ڏٽي ﷫ جن جي لولي ٻڌائين. فقيرن اها لولي ڳائي ٻڌائي. لوليءَ ٻڌڻ بعد پاڻ يڪايڪ محفل برخاست ڪري اٿيا ۽ سيئي گڏ هالا پهتا.

خانداني دستور موجب نومولود جو نالو "مخدوم صاحب" کان پڇي رکيو ويندو آهي، انهيءَ سلسلي ۾ خاندان جا وڏا بزرگ مخدوم طالب المولیٰ سائين جن سان گڏجي، گل سائين ﷫ جن وٽ سندن وڏي بنگلي تي حاضر ٿيا ۽ طالب المولیٰ سائين ﷫ جن ڏانهن اشارو ڪندي، گل سائين ﷫ جن

Gul Hayat Institute

---

[404] پير ڪوڙل صدّيقي وارا حضرت مخدوم حامد عليه الرحمت بن حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷫ جو اولاد آهن ۽ تعلقہ شهدادپور ضلع سانگهڙ ۾ رهندا آهن. (مصنف)

[405] عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين ﷫ جن وڏي بنگلي تي اها سڄي ڳالهہ مون کي ٻڌائي هئي، ان ڏينهن سندن طبيعت بہ ڏاڍي سٺي هئي مزاج بہ لاجواب هئن، پاڻ ٻيون بہ تمام گهڻيون ڳالهيون ۽ واقعات ٻڌايائون، منهنجي عرض ڪرڻ تي، پاڻ پنهنجي مٺڙي آواز ۾ صوفي نانڪ جي مذڪوره ڪافي "عمر دراز تيڏي هادي نگهبان هووي" جو "تلهہ" جهونگاري ٻڌايائون (مصنف)

ڪي عرض ڪيائون تہ "الله سائين جي فضل سان "پير ڏني سائين" ڪي اولاد ٿيڻ وارو آهي. سائين جن ٻڌائين تہ جيڪڏهن پٽ ٿيئي تہ ڪهڙو نالو رکجي ۽ جيڪڏهن..." ڳالهہ اڃا اتي پهتي هئي تہ حضرت گل سائين ﷫ جن ان ڪي ختم ڪندي فرمايو تہ:

"انشاءَ الله پٽ ڄمندو. ڏاڏا سائين جو نالو رکنداسين پڪن وارا صاحب ايندا"

حضرت مخدوم محمد امين فهيم سائين﷫ جن جي ولادت واري مبارڪ ڏينهن تي حضرت گل سائين ﷫ جن وڏي بنگلي جي ننڍي ورانڊي ۾ تشريف فرما هئا. حضرت مخدوم طالب المولىٰ سائين جن بہ وٽن موجود هئا. ان وقت راضي فقير سندن حڪم تي صوفي نانڪ فقير جي هيءَ ڪافي ڳائي رهيو هيو:

"عمر دراز تيڏي الله نگهبان هووي"

راضي فقير جيئن ئي ڪافي ڳائي پوري تي ڪئي تہ حضرت گل سائين ﷫ جن هٿ سان اشارو ڪري فقير کي حڪم تي ڏنو تہ "وري ڳاءِ" ايئن ٻتي پيرا فقير ساڳي ڪافي ورجائي ورجائي ٻڌائيندو رهيو. ايتري ۾ ماڻهوءَ اچي حضرت مخدوم محمد امين فهيم سائين ﷫ جن جي ولادت جي مبارڪ ڏني. ۽ پاڻ فقير کي اشارو ڏئي چيائون تہ بس. صوفي نانڪ نقير جي اها ڪافي هتي تبرڪ طور ڏجي ٿي:

## ڪافي[406]

عمر دراز تيڏي هادي نگهبان هووئي
هادي نگهبان هووئي الله دي امان هووئي

روز تساڏا حسن لئيندا دائم دل تي چاهہ ڇهيندا
سا ڍوليا غريبان دا ڏيان هووئي
مئن تہ دعاڳڻ دلبر تيڏي پال ڪرو سڻ زاري ميڏي
ڪرين گوش گولي اتي مولا مهربان هووئي
بخت برهہ دم تخت سلامت تاج تيڏي سر عشق امامت

---

[406] نانڪ يوسف جو ڪلام، تنوير عباسي، ص: 202/201.

Gul Hayat Institute

صاحب سلامي تيڏا عرب ايران هووئي

عشق تيڏي وچ عاشق جڪندي تياڳ سڪان نون طلب رڪندي
حال دل معلوم تين نو راضي ربَ رحمان هووئي

ديس بدسئون نينهن نغارا عشق تساڏي ماريا نعرا
جِنَ ملڪ اِنسان اتي شاهي وڏا شان هووئي

نانڪ يوسف[407] تيڏڙي تاري سڀ گناهہ دا دواتون پساري
هر دم هووين نال اسان ڏي ديرا درازان هووئي

## مظلوم پاران حق جي شاهدي:[408]

حضرت مخدوم غلام محمد سائين ﷫ جن وٽ هڪڙي ستايل ماڻهو جو فيصلو آيو. پاڻ انهيءَ ماڻهوءَ جي ڳالهہ ٻڌي ۽ فيصلو ان جي حق ۾ ڏنائون مگر ٻي ڌر فيصلو مڃڻ کان پوءِ ان ستايل ماڻهوءَ کي پنهنجو حق ادا نہ ڪيو. ان بعد انهيءَ ستايل ماڻهوءَ وري اچي مخدوم صاحب جن کي داد رسي لاءِ عرض ڪيو جواب ۾ سائين جن فرمايو تہ تون ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪر ۽ اُن ۾ اسان جي شاهدي وار. انهيءَ ستايل ماڻهو ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو جنهن تي ڪورٽ شاهدي لاءِ مخدوم صاحب جن ڏانهن سمن ڪڍيو جيڪو حاضريءَ جي نوڪرن اهو چئي موٽائي ڇڏيو تہ هن کان اڳ ڪڏهن بہ گادي نشين ڪورٽ ۾ ڪو نہ حاضر ٿيا آهن. آخرڪار ڪورٽ جي وارنٽ نڪرڻ کان پوءِ مخدوم صاحب جن جي ڏيان تي ڳالهہ آندي ويئي. پاڻ خليفن تي ناراض ٿيا ڇاڪاڻ تہ ستايل ماڻهو کي خود قبلہ سائين جن ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي. ۽ سندن شاهدي وارڻ

Gul Hayat Institute

---

[407] فقير محمد يوسف عرف نانڪ يوسف (1697_1788ع) ولد مولوي محمد هاشم ڪوڪر اصل شهر جهل بلوچستان جو هو. حق جي تلاش ۾ گهران نڪري درازن ۾ آيو ۽ سچل سرمست ﷬ جو مريد ٿيو. مريد ٿيڻ بعد مرشد جي حڪم سان رياست خيرپور جي ڳوٺ اڳڙن جي پرسان آستانو اڏي ويٺو. خيرپور جو والي مير علي مراد خان سندس معتقد هو. سندس ڪلام سنڌي، سرائڪي ۽ هندي ۾ آهي. بيتن ۽ ڪافين تي ٻڌل آهي. سندس سمورو شعر صوفياڻو آهي. پروفيسر عطا محمد حامي، ڪلاسيڪي شاعري، ص: 48).

[408] راوي آغا جلال خان پٺاڻ، جنهن هيءُ واقعو الله ورائي ڪـتّل کان ٻڌو هو.

جي پڻ اجازت ڏني هئي. مخدوم صاحب جن فرمايو ته شنوائي واري تاريخ ۾ هلبو ۽ هلي انهيءَ مظلوم پاران حق جي شاهدي ڏبي.

ڪورٽ جي شنوائي واري تاريخ تي، ڪين نئين جُتي پائڻ جي ڪري پير ۾ لِڦ نڪتي جنهن ڪري ويلڻ پيدا ٿي ۽ بخار جي حالت رهي انهيءَ جي باوجود پاڻ شاهدي ڏيڻ لاءِ هالا کان روانا ٿي اچي حيدرآباد جي ڊاڪ بنگلي ۾ منزل انداز ٿيا. مسٽر نبي بخش ميمڻ حيدرآباد جي مريدن ميمڻن جو خليفو ۽ سٽي مئجسٽريٽ هو جنهن کي ڊاڪ بنگلي تي سڏايو ويو ۽ ڪيس ڇيو ويو ته وڪيل صاحب جي معرفت ڪورٽ سڳوري جي جج صاحب کي مخدوم صاحب جي آرزو جو اطلاع ڏنو وڃي ته پاڻ انهيءَ آرزو جي ڪري ڪورٽ جيڪا متي ماڙي تي هئي ان تي ڪو نه چڙهي سگهندا تنهن ڪري ٻي شنوائي رکي وڃي وڪيل ڏيئل داس جلدي ۾ مخدوم صاحب رح سان ملڻ لاءِ ڊاڪ بنگلي ۾ پهتو حضرت مخدوم غلام محمد رح جن دروازي تي موجود هئا ۽ نقيري لباس پهريل هون ڏيئلداس، مخدوم صاحب جن کي ڪو نه سڃاتو ۽ ڪين مخاطب ٿي ڇيو ته خليفا مون کي مخدوم صاحب سان ملاقات ڪراءِ ايتري ۾ مسٽر نبي بخش ميمڻ سٽي مئجسٽريٽ به اُتي پهچي ويو. مخدوم صاحب جن سان مخاطب ٿي عرض ڪيائين ته هي ڏيئل داس وڪيل آهي جيڪو اوهان جي آرزو جو احوال جج صاحب کي ٻڌائي ٻي شنوائي وٺندو وڪيل صاحب سائين جن کي نه سڃاڻڻ جي معذرت ڪئي. ان کان پوءِ وڪيل صاحب ۽ مسٽر نبي بخش ميمڻ ڪورٽ ۾ جج صاحب سان ملڻ لاءِ روانا ٿيا ۽ جج صاحب سان مخدوم صاحب جن جي ڪورٽ ۾ اچڻ جي مجبوري بابت حقيقت ڪيائون. جج صاحب سچل سرمست جي درگاهه جو مريد ۽ صوفي طريقي جو ماڻهو هو ان کي اڳيئي حضرت گل سائين رح جن سان ملڻ جو اشتياق هو جنهن حڪم ڪيو ته شاهد کي متي وٺي اچڻ بدران ڪورٽ کي هيٺ هلائبو ته جيئن مخدوم صاحب جن اتي اچي شاهدي ڏيئي سگهن. اها حقيقت ڏيئل داس ۽ مسٽر نبي بخش ميمڻ جن اچي گل سائين جن سان ڪئي ۽ پاڻ ڪورٽ هلڻ لاءِ روانا ٿيا ۽ وڪٽوريا گاڏي ۾ چڙهي اچي ڪورٽ ۾ لٿا ۽ جج صاحب جي اڳيان شاهدي ڏنائون جيڪا چند منٽن ۾ ختم ٿي. جج صاحب سائين جن سان سندن تڪليف جي معذرت ڪئي جواب ۾ پاڻ فرمايائون ته اسان نفس کي ماري حق لاءِ تڪليف ڪئي آهي. ان

ڪان پوءِ جج صاحب ۽ مخدوم صاحب جن ڪافي وقت ڪچهري ڪئي بعد ۾ مخدوم صاحب جن سندن ملازم الهورايو عرف (ڪتل) کي حڪم ڪيو ته مولا عليؑ جي قدمن تي پاٽاري ڪبي. پاٽاري چار جي وڻ هيٺان رکي ويئي. شهر جي مريدن کي خبر پئجي ويئي ته اسان جو مرشد سائين آيو آهي جيڪي ٽولن ۽ گروهن ۾ پنهنجي مرشد جي ديدار لاءِ ڊاڪ بنگلا ۾ ڪورٽون ڳوليندا رهيا پر هن کي خبر نه پئجي سگهي ته مخدوم صاحب جن ڪٿي ترسيل آهن. نيٺ شام جي وقت پاڻ (حضرت مخدوم صاحب) حيدرآباد کان ريل رستي شهدادپور پهتا. جتان اُنن وسيلي هالا شريف پهتا.

## حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين رحمة الله عليه جن جو ڪانئن ذڪر ونڻ:

حضرت مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه جن حضرت مخدوم طالب المولیٰ رح جن جا والد به هئا ۽ مرشد به هئا. پاڻ سندن تصنيف دُرِ ناياب عرف يادرفتگان ۾ حضرت مخدوم غلام محمد سائين رحمة الله عليه جن کان ذڪر ونڻ ۽ تحسين و آفرين ملڻ جو ذڪر هن طرح ڪيو اٿن:

"هڪ ڀيري جلال وچان پڇيائون ته "ڪنهن جو مريد آهين." ۽ مون جواب ۾ چيو ته "سائين جن جو يعني اوهان جو". پاڻ فرمايائون ته پوءِ بعيت ڪئي اٿَوَ يا نه! مون جواب ۾ چيو "ته ياد نه آهي." پاڻ فرمايائون ته "خليفو وٺي اچو." دير تي ته سڏي پڇيئون ته "خليفو ڪٿي آهي؟" عرض ڪيم ته "جڙيل شاهه اجناڻيءَ ڏي ماٺهو موڪليو اٿم." پاڻ فرمايائون ته "وقت هي آهي چاچهين کي وٺي آءُ" آئون چاچا غلام حيدر جن کي وٺي آيس. اهي خليفه ٿيا ۽ سروري دستور موجب پنهنجي هٿن ۾ منهنجا هٿ وٺي ٽي ڀيرا لااله الا الله زوردار آواز ۾ پڙهايائون. مرشدنا قبله والد صاحب جن روزانو منجهند جو ٻي بجي کان ڇئين بجي تائين مون کي تربيت ڏيندا هئا."

## حضرت مخدوم طالب المولیٰ سائين رح جن کي تحسين و آفرين:

حضرت قبله طالب المولیٰ سائين رحمة الله عليه جن فرمائن ٿا ته: "هڪ ڀيري صبح جي حاضريءَ تي آيس ته هالا جو ديوان گهنشامداس هيٺين ڪافي پيو پڙهي:

"عشق الاهي رازنهين، اسان ڪون آکڻ آندا".

1364هه مطابق 15 ڊسمبر 1944ع تي ٿيو.[424] پاڻ کٽ تي ليٽيل هئا، شام جو وقت هو، ڪمري ۾ ڪانئن علاوه، حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين ﵀، رئيس غلام محمد خان نظاماڻي[425] ۽ سندن حاضريءَ جو نوڪر گل فقير[426] موجود هئا. گل سائين ﵀ وفات کان ٻہ ٽي لمحا اڳ اُٿي ويٺا ۽ پير ۾ رکيل ڳُنڌري تي پنهنجو هٿ رکيائون ۽ هٿ تي پيشاني رکي ويٺا ۽ ٿوري دير کان پوءِ سندن روح پروازا ڪيو ان مهل مغرب جي ٻانگ آئي پئي ۽ نئين سال جو چنڊ پڻ ڏسڻ ۾ آيو.

سندن وفات تي پکي ولر ڪري سندن جنازي مٿان هليا، اهي پکي سندن صحبتي ۽ مونس هوندا هئا.[427]

ڪِنين ڪنين ماڙهين پيئي گَلَ ڪائي
رسيا جي رمز ڪي تن پارسي پائي
"اَلانسانُ سِرّي وَاَنا سِرُّه" ورتي اِي وائي
راجا راڳائي هر دوئي هيڪ ٿيا

شاهه ڀٽائي رحہ[428]

---

[424] مرشدنا حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين ﵀ جن 1990ع ۾ مون کي، حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين ﵀ جن جي وفات وارو واقعو تفصيل سان ٻڌايو هو پاڻ اهو ٻہ فرمايو هئائون تہ حضرت گل سائين جن جي مزار تي لڳل تختيءَ واري تاريخ پڻ درست ڪرڻ ڪپي. محترم جي ايم سيد، جنب گذاريم جن سين، ص: 96 تي حضرت مخدوم غلام محمد ﵀ جي وصال جي اسلامي تاريخ تہ 1 محرم لکي آهي البتہ غلط فهمي، سبب اسلامي سن ۽ عيسوي تاريخ صحيح ڄاڻايل ڪانهي.

[425] ڏسو ضميمو 30.

[426] **گل فقير ميربحر (وصال: 1967ع):**

گل فقير 1932ع تي حضرت مخدوم غلام محمد ﵀ جن جي خدمت ۾ آيو ۽ سندن وصال تائين وٽن ملازم تي رهيو. سندن حڪم تي ڪافي وقت "ماهو پير" (نئين سعيد آباد) ۾ وڃي باقبيلي رهيو بعد ۾ حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن ڪيس اتان گهرائي پاڻ وٽ رهايو پهرين علي محمد ڏاتي واري جاءِ ۽ پوءِ فتح محمد شهوڪ واري جاءِ ڪيس رهائش لاءِ ڏنائون. گل فقير ٻہ شاديون ڪيون هيون، ڪيس هڪڙي نياڻي جائي جيڪا پنهنجي ڀاءُ محمد حسن جي پٽ کي ڏنائين، گل فقير جو انتقال 12 شعبان 1387هه مطابق 15 نومبر 1967ع تي ٿيو.

[427] رفيقِ حيات، ص: 161.

[428] شاهه جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي، ص: 303.

Gul Hayat Institute

حضرت قبلہ مخدوم غلام محمد گل سائين رحمة الله عليه جن کي حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت جي مقبري ۾ سندن والد حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن جي پيراندي کان اڀرندي ۾ ڏکڻ واري ڪنڊ ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

## حضرت مخدوم غلام محمد سائين رحمة الله عليه جن جي فرزندن جو احوال:

گل سائين رحمت الله عليه جن کي ٽي فرزند هئا، جن جو مختصر ذڪر هت ڏجي ٿو:

## حضرت پير ميان محمد زمان رحمة الله عليه

(1916_1916ع)

سندن ولادت محرم 1335ھ مطابق نومبر۔ ڊسمبر 1916ع ۾ ٿي ۽ ساڳئي ڏينهن تي انتقال ڪيائون. سندن نالو "محمد زمان" هو.

## حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائين رحمة الله عليه

(1919_1993ع)

آج اک اور برس بیت گیا اُسکے بغیر
جس کے ہوتے ہوئے ہوتے تھے زمانے میرے

حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه الرحمت جا سترهون نمبر سجّاده نشين، محسن علم و ادب عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ رحمة الله عليه ولد حضرت مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه 9 محرم 1338ھ مطابق 4 آڪٽوبر 1919ع تي هالا نوان ۾ تولد ٿيا. ننڍپڻ پنهنجي ڳوٺ هالا ۾ گذاريائون. ٻہ شاديون ڪيائون، پهرين شادي پنهنجي عزيزن آچ شريف وارن پيرن مان پير ميان صدّيق محمد صدّيقي قريشيءَ رحمة الله عليه[429] وٽان حضرت

---

[429] پير ميان صدّيق محمد رحمت الله عليه، حضرت مخدوم محمد امين اول رح جي اولاد مان هئو سندسن سلسلہ نسب هن طرح آهي: پير ميان صدّيق محمد بن ميان ونهيل بن ميان ٻڍل بن ميان ونهيل بن ميان لائق ڏنو بن ميان نيندو بن ميان لائق ڏنو بن ميان جمن

Gul Hayat Institute

۽ ادبي خدمات طور صدر ايوب خان جي دور اقتدار ۾ ”تمغهٔ پاڪستان“ ڏنو ويو. پاڻ ٻه ڀيرا سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمين پڻ رهيا. جنرل ضياءَ الحق جي آمرانه دور ۾ حڪومت طرفان زور رکيو ويو ته پاڪستان پيپلزپارٽي ڇڏي حڪومت جي حمايت ڪن، ليڪن پاڻ پاڪستان پيپلزپارٽي ڇڏڻ بجاءِ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين شپ تان استعيفا ڏئي ڇڏيائون. ڪين پ پ جو مرڪزي وائيس چيئرمين چونڊيو ويو ۽ پاڻ آخر تائين ان عهدي تي فائز رهيا. سندن هڪڙو اهم فيصلو پ پ جي هالا ڪنوينشن جو انعقاد هو جنهن ۾ چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو. هن ڪنوينشن ۾ اڳوڻي مغربي ۽ مشرقي پاڪستان مان سياسي اڳواڻ ۽ مندوبين شريڪ ٿيا. پاڻ 1947ع جي تحريڪ آزادي جا سرگرم ڪارڪن رهيا. 1950ع جي ٽائون ڪميٽي هالا جا صدر ۽ 1960ع ۾ چيئرمين ٿي رهيا. 1971ع ۾ قومي اسيمبليءَ جي ميمبر جي حيثيت سان پاڻ هالا تڪ مان وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيا. 1973ع ۾ شهيد ڀٽو جي دور ۾ سنڌ ۾ آيل خطرناڪ ٻوڏن دوران پنهنجي سروري جماعت جي خليفن ۽ مريدن سان گڏجي بندن جي حفاظت ڪيائون. ڪين 1990ع ۾ صدر پاڪستان غلام اسحاق خان ادب، ثقافت ۽ سماجي خدمتن جي اعتراف طور ”هلالِ امتياز“ ڏنو.

پاڻ ڪيترن ئي تعليمي ادارن جا سرپرست به هئا. سندن سرپرستيءَ ۾ جيڪي تعليمي ادارا هلندڙ هئا انهن ۾ ”سروري اسلاميه ڪاليج هالا“، ”طالب المولىٰ اورنٽيئل ڪاليج“، ”سنڌ مليه ڪاليج حيدرآباد“ ۽ ”طالب المولىٰ هاءِ اسڪول دادو“ شامل آهن. ان ڪانسواءِ ڪپري جي هاءِ اسڪول جي هاسٽل پڻ پاڻ ٺهرايائون. پاڻ صحافين جي پڻ مختلف طريقن سان مدد ڪندا هئا. پاڻ لوڪ ادب جي به سرپرستي ڪندا هئا ۽ وقت بوقت سگهڙن جي ڪچهري ڪرائيندا هئا.

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه جن جي حياتيءَ ۾ سندن ڪافي تصنيفون شايع ٿيون جن ۾ ”بهارِ طالب“، ”رباعياتِ طالب“، ”خود شناسي“، ”شيطان“، ”اسلامي تصوف“، ”امام غزاليءَ جا خط“، ”يادِ رفتگان“، ”مثنوي عقل ۽ عشق“، ”ڪچڪول“، ”چپر ۾ چڙيون“، ”ڪافي“، ”ديوان طالب المولىٰ“، ”شانِ سروري ﷺ“، ”بي پير اڪيون“، ”سنڌ جو شڪار“، ”مصريءَ جون تڙون“، ”ڇهنڊڙيون“ ۽ ”آبِ حيات“ وغيره شامل آهن.

Gul Hayat Institute

پاڻ سروري تنظيم جا سرپرست اعليٰ هئا ۽ ڪيترن ئي مسڪينن، بيواهن ۽ يتيمن جي اهڙي طرح سار سنڀال لڌائون ۽ امداد ڪيائون جنهن جي خبر صرف سندن ذات تائين محدود هئي.

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين رحمة الله عليه هڪڙي تاريخ ساز دور جو نالو آهي، انهيءَ مبارڪ نالي وٽڻ سان دنيائي رنگ و بو جا لاتعداد اڻ وسرندڙ واقعا اکين جي آڏو اچيو وڃن ٿا اُهي ديني، سماجي، سياسي ۽ علمي واقعا سنڌو درياءَ وانگر آهن. جن کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ ممڪن ڪونهي. حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين رحمة الله عليه زبردست سحر انگيز شخصيت جا مالڪ هئا، جنهن جو اثر ايڏو آهي جو اڄ هيترن سالن کان پوءِ به ائين ٿو لڳي تہ ”پاڻ سندن وڏي بنگلي تي تشريف فرما آهن.“ سندن شفقت، محبّت، اخلاق، خلوص، گفتگو جو انداز نشست و برخاست جو طريقو ڪچهريون، رهاڻيون ۽ محفلون سدائين دل جي لوح تي محفوظ رهنديون.

ڪي اوڏائي ڏور ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين،
ڪي سنيرجن نہ ڪڏهين ڪي وسرن نہ مور
جيئن مينهن ڳنڍيءَ پور تيئن دوست وارا ڪو دل سين

شاهہ ڀٽائي رحہ

مخدوم المخاديم، عالي جناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ رحمت الله عليه جن جو انتقال پُر ملال 11 جنوري 1993ع تي ٻپهرن جي قريب جناح هاسپيٽل ڪراچيءَ ۾ ٿيو. سندن تدفين ٻئي ڏينهن 12 جنوري 1993ع تي ڏينهن جو 12 بجي کان پوءِ حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير رحمة الله عليه جن جي مقبري ۾ پکن وارن صاحبن رحمة الله عليه جي والد، سندن همنام بزرگ ۽ ٽڙ ڏاڏي حضرت مخدوم محمد زمان رابع رحمة الله عليه جن جي پيرانديءَ کان الهندي ۽ ڏکڻ واري ڪنڊ ۾ ٿي:

مون ڀانيو مون وٽ هميشہ هوندا سپرين
ويڙهو ڏيئي ويڪرو ڦِري ويا ڦٽ
ساهہ جنين جي ست وڪيم تي وڻڪار ۾

حضرت شاهہ ڀٽائي رحہ

هن وقت سندن فرزند اعليٰ صفات عاليجناب حضرت مخدوم محمد امين "فهيم"[432] مسندِ خلافت تي جلوه افروز آهن. سندن دستاربندي 14 جنوري 1993ع تي درگاهه حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليہ جي ورانديءَ ۾ قديمي دستور مطابق ٿي.

الله پاڪ جَلَّ جَلَالُهٗ کين عمرِ دراز عطا ڪريءِ صحتِ ڪامل سان مالامال رکي آمين.

## چوند شاعري:

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولي سائين رحمة الله عليه پُرگو شاعر هئا. سندن ڪلام خاص و عام ۾ هڪ جيترو مقبول هئو ۽ آهي، هتي سندن سدا بهار شاعريءَ مان چوند ڪلام ڏجي ٿو:

### ڪافي

ٿل: سهڻل جا سينگار۔ وهوا۔ دل کي وڻن ٿا.
دل کي وڻن ٿا، ڏاڍا ٺهن ٿا ڏاڍا ٺهن ٿا، من کي موهن ٿا.

1۔ ڪارا ڪارا، ڪُنڍڙا ڪُنڍڙا، سهڻا سهڻا، سنهڙا سنهڙا،
وانگوڙي ۾ وار۔ وهوا۔ دل کي وڻن ٿا.

2۔ تيل، ڦليل،ڦڻيون ڦوڪارا، ڏوپيل وَاسيل، ڪيس هو ڪارا،
گهرا گهُنڊيدار۔ وهوا۔ دل کي وڻن ٿا.

3۔ ابرو عجيب، ڏنگا ۽ ڏوڙا، ڏيهه ڏسيو ڪن گهوڙا گهوڙا،
تيز ڳنان تلوار۔ وهوا۔ دل کي وڻن ٿا.

4۔ بيئي اکيون جڻ باز ۽ بحري۔ مار ڪرڻ لئي پون ٿيون پهري،
ڪن شاهاڻا تہ شڪار۔ وهوا۔ دل کي وڻن ٿا.

5۔ نَڪُ نجيب جو ننڍڙو ننڍڙو سنهڙو سنهڙو ڪُنڍڙو ڪُنڍڙو
رنگَ پريا رخسار۔ وهوا۔ دل کي وڻن ٿا.

---

[432] ملاحظ ڪريو راقم الحروف طرفان لکيل مهاڳ.

Gul Hayat Institute

ڏند موتن جان جَهرڪيو جَهرڪن،
6_ لب لالڻ جا مُرڪيو مُرڪن_ 
دل ڪي وٽن ٽا.
ڪونج ڳچيءَ ۾ هار_ وهوا_ 
لائق سمجهي لبن سان لايان،
7_ روز چمان، چشمن تي چايان،
دل ڪي وٽن ٽا.
پرين جا پيزار_ وهوا_ 
طالب مولا رُسڻ ۽ پرچڻ،
8_ گڏ گذارڻ، اٿڻ ۽ ويهڻ،
دل ڪي وٽن ٽا.
محبّت جا معيار_ وهوا_ 
13_7_1955ع
(حيدرآباد ۾ هالن جي وچ ۾ لکي وئي.)

## ڪافي

سهڻا ساٿيڙا مون وٽ اڄ ٽا اچن
مون وٽ اڄ ٽا اچن، ڏاڍا قرب ڏبن
ڏاڍا قرب ڏبن بيحد پيار ڪبن

1_ ويهو ويهو ڪانگ لنوي ٿو سڀ تي سمجهان جيڪي چوي ٿو
اڪئين ٽا ڏسجن ڏاڍا قرب ڏبن

2_ واٽن ۾ مون اکڙيون وڇايون، منهنجون الله اجهي آسون پڄائيون
پل ۾ ٽا پهچن ڏاڍا قرب ڏبن

3_ جيڪو پري ڪان ايندو ڏسان ٿي منهنجو سڄڻ اهو اينهين سمجهان ٿي
من ڪي تورا ڪن! ڏاڍا قرب ڏبن

4_ آسروندِ ويني واٽون نهاريان، وَر وَر ڏيو وريو اڱڻ ٻهاريان
پلپل پيار ڳبن ڏاڍا قرب ڏبن

5_ ڏاڍيون اُميدون اندر ۾ آيون، ڏينديس مان ڏھ ڏھ ڏهنايون
سي شل سڀ سمجهن! ڏاڍا قرب ڏبن

6_ دل ڌڙڪي ٿي، اک ڦڙڪي ٿي من ۾ محبّت پڻ مرڪي ٿي
گولي سان گڏجن ڏاڍا قرب ڏبن

7_ طالب مولا بخت وري ٿو ٻول ٻَدَل اُهو هاڻ پري ٿو
پيرين هٿ ڌرين، ڏاڍا قرب ڏبن.

22_7_1960ع ڪوئيٽا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي

ٿل: ڏوهه دل جو آهي ظاهر ۾ وِجي اکڙيون اڙيون
هوءَ تہ وئي دلدار وٽ پر هي تہ سورن ۾ سڙيون

1ـ من پرين ڪجهہ پيار مان ويهي وٺم ڳالهيون ڪري
زندگي ساري گذر ۽ ياد پونديون ڪي گهڙيون

2ـ هاڻ شل مون سان نباهي نينهن جو ناتو سڄڻ
پاڻ ئي پاتئين ڳچيءَ ۾ قربداري جون ڪڙيون

3ـ دل تہ هڪڙي آهہ جنهن تي يار جو قبضو ٿيو
محب اڄ ميخون محبّت جون، سندم جيءَ ۾ جڙيون

4ـ منهنجي دل ڦاٽي تہ ڇا ٿيو هي وڏي ڪا ڳالهہ ناهہ
لطف سان لالڻ ليون، جيڪي هيون جڳ ۾ جڙيون

5ـ مون بہ پنهنجي لڄ ۽ لڏ هن جي حوالي ڪئي ڪٽي
هٿ رکي پنهنجون ڪيون، جنهن بہ وسيلون بي وڙيون

6ـ بي تہ سيڪنهن وٽ ڪو هڪڙو سور هوندو ساهہ سان
طالب المولىٰ جي دل ۾ درد جون آهن ڏڙيون

25ـ6ـ1956ع، حيدرآباد.

## ڪافي

ٿل: ساهہ سڪي ٿو جن لاءِ سڄڻ شل سارين!
سڄڻ شل سارين واڳون من وارين!

1ـ سرتيون! هوند آئون سون ٿيان جي محبّت ڏئي مارين

2ـ ويهي ڪيئون جي واعدا پرين سي پارين

3ـ سيئي پر ڪي پهچنديون گوندر جي گهارين

4ـ رسنديون سيئي راز ڪي جي ورهہ ۾ سِرُ وارين

5ـ طالب دردن واريون روز هنجهون هارين

26ـ9ـ1957ع، هالا.

Gul Hayat Institute

# غزل

رشڪِ بختِ سيہ رشڪِ تاريڪِ شب هن جا زلف دوتا خوشنما خوشنما
الله الله جبين ضوفشان ضوفشان جلوه گر جلوه گر ياخدا ياخدا

تيغِ برآن فگن، غيرتِ سيف زن، خنجرِ صف شڪن ابروئي جانِ من
رشڪِ مستيِ چشمِ قلندر نظر دلربا دلربا ڪيفزا ڪيفزا

روحِ جادوگري هن جا شرم و حيا عشوه و ناز و انداز سڀ معجزا
گفتگو مظهرِ خرقِ عادات تي هن جي هر هڪ ادا اوليا اوليا

هن جي رمزِ خموشي ۾ دنيا بہ گم ۽ تبّسم سان عالم ڪري زير و زبر
هن جي گفتار ۾ زندگي زندگي هن جي رفتار ۾ ڪربلا ڪربلا

جنهن تان دير و ڪليسا هميشہ فدا جنهن تي سجده ڪنان روزو شب بتڪده
جنهن تي هر ڪنهن جبين کي سڪون تو ملي منهنجي محبوب جا نقشِ پا نقشِ پا

هن جي شيرين زباني تان صدقي ٿين دمبدم مطرب و بربط و چنگ وني
هن جي طرزِ تڪلّم تان ققنس فدا لحنِ دائود چئي واهوا واهوا

هن جي آڏو صبا آهہ جاروب ڪش نگهتِ گل اچئو خيرمقدم ڪري
هو چمن ۾ اچي گل جهڪئو تا پون ۽ عنادل چون مرحبا مرحبا

هن جا درد و الم مايۂ دوستيِ هن جا جور و جفا باعثِ دلڪشي
هن جا قهر و غضب دل جي آسودگي هن جو ديرينہ درد آشنا آشنا

هن جي رمز ادا تان تصدّق ٿيان هن جي طرز محبّت تان قربان مان
هن جا ظلم و ستم باوفا باوفا هن جا مهرو وفا بي وفا بي وفا

صوفي و محتسب واعظِ پيرسن منهنجي ساقي اڳيان سي بہ مجبور تر
هو ڪپايو نظر جو نهاري ڪٽي هرڪو گهبرايو چئي ڏي پلا ڏي پلا

ميڪده ۾ مسرّت ڪري رقص ٿي ڪيف و مستي تي طاري ٿئي بيخودي
هن جي آمد تي ساغر ٿين خنده زن ۽ صراحي ڪري ٺهڪا ٺهڪا

طالب المولىٰ جور و جفائي صنم غيرتِ ظلمِ چنگيزي و نادري
هن جي هر هڪ نظر زلزلا زلزلا هن جو تابِ نگهہ فيصلا فيصلا

ڪوئٽا، 30 سيپٽمبر 1962ع

# غزل

پهرين تون ساقي پيءُ پو مستانہ وار آ
سرشار اچي بناءِ تي ديوانہ وار آ

ڇڏ يار اڄ مراسمِ ديرينہ جي پڇر
نئين طرح ساڻ موهہ تي بيگناه وار آ

ڇا عشق و مشڪ ڪنهن کان ڪڏهن ڪو لڪي سگهيو
آ يار طمطراق سان شاهانہ وار آ

نئين رنگ ڍنگ ساڻ تون هر هر اچي نواز
بيهر بہ شاهہ حسن شفيقانہ وار آ

نئون بابِ عشق کول تہ ڪي تبصرا ڪجن
تي سنگدل او دلربا افسانہ وار آ

چورائي يار دل وئين مون کي بہ وچ ڪٺي
سوگند توکي تنهنجو تي، دزدانہ وار آ

واعظ جوان تي مي ڪهڻ جو جام پي
آ رشڪِ شمع ساقي تون پروانہ وار آ

هي گردش زمانہ تڪڙ ئي نٿي ڏئي
دلبر وري وري بہ آ پيمانہ وار آ

آغوش ۾ ئي طالبِ مولا کي يار جهل
مستِ الست آهہ تون فرزانہ وار آ

ڪراچي، 28_ مئي 1975ع

Gul Hayat Institute

# غزل

يار ڏاڍا ڏينهن لاتئي ڇو يلا آهي تہ خير
ڪا خبر ڏي منهنجا مشفق مهلقا آهي تہ خير

دلربا پنهنجي حقيقت ڪان تہ ڪر واقف وري
تون يلا ايندين ڪڏهن او باوفا آهي تہ خير

تنهنجي منهن تي شدّتون هرگز پون ٿيون ڪي نہ ڪي
منهنجا جاني تو ڏيين ڪئين آسرا آهي تہ خير

انتظارن ۾ رکڻ جو آهہ ڇا مقصد پرين
توکي پنهنجا وعدا سڀ وسري ويا آهي تہ خير

مدّتون ٿي ويون آهن ڪو نہ قاصد ڪو مُڪئي
پنهنجي غفلت ۾ ڪئي تو انتها آهي تہ خير

حجّتون کهڙيون ڪيون پر يار ڏوراپا ڏيا
منهن تہ ڪونهي تو مٽيو اي همنوا آهي تہ خير

اڄ سڄڻ يا مون ڪي هڪدم پاڻ وٽ پيارا گهراءِ
ڇو نٿو ڳالهيون ڪرين سهڻا صفا آهي تہ خير

منهنجو مولا توکي شل پنهنجي پناهن ۾ رکي
ڇو نہ ڪانگل آئيو منهنجا مٺا آهي تہ خير

ڪو پتوئي ڪو نہ ٿو پئي يارُ ڇو ويهي رهيو
منهنجا خالق، منهنجا مالڪ يا خدا آهي تہ خير

هر گهڙي تنهنجي طلب ۾ طالب المولا رهي
منهنجي ”جيءَ“ وارا سڄڻ جيئين سدا آهي تہ خير

هالا، 20 ڊسمبر 1980ع

Gul Hayat Institute

## غزل

ڪنهن جي دردِ محبَت کي دل، جان سان زندگي جي امانت بنائي ڇڏيم
هجر و فرقت جو آخر غمِ جاودان دل جي گوشي ۾ هڪدم لڪائي ڇڏيم

مون کي ڪهڙي مجال آهي هن کان پلا رنج و غم ۽ تغافل جو بدلو وٺان
پنهنجي قلبِ حزين کي ئي صبح و مسا روئي روئي ستائي ڇڏيم

گل ته دامن ڇڏڻ سان ڪريو تا پون خار دامن مان هرگز نٿا هٽ ڪين
نيٺ پنهنجا پراوا ٿيا. تنهن ڪري اڄ پراون به پنهنجو بنائي ڇڏيم

هو به هڪ وقت هو جو ٿم روز و شب همنوائو خوشين جي ڪمي ڪا نه هئي
هي خزانو سڄڻ سنگدل جي مٿان نيٺ صدقو ڪري سڀ کپائي ڇڏيم

جي اکيون ترڪندس پو ته مجرم تو ٿيان داغ ايندو محبَت جي ناموس تي
پنهنجي اڄ همَتِ عشق کان ڪم وٺي اشڪ پي غم کي ڪائي کپائي ڇڏيم

منهنجي گذري نه گذري ڇا ان سان سندس هن جي مون کان سوا نيٺ گذري وئي
مون بظاهر کلي خوش ٿي موجون ڪري، پنهنجو بيگانو سڀ ڪو پلائي ڇڏيم

هو پرين بار بار آيو منهنجو نه ٿيو مان ته پهرئين ئي پيري سندس تي ويس
آهي فطرت اها حسن ۽ عشق جي جا محبَت ڪري آزمائي ڇڏيم

آهي منزل تي هر آرزو جو اجل، ٿو مقصد اتي نيٺ حاصل ٿئي
اڄ حصولِ تمنّا کان بيگانو ٿي هر قدم پنهنجو اڳتي وڌائي ڇڏيم

اڄ نه هوئي رهيو ۽ نه مان ئي رهيس هڪ خيالِ محبَت رهيو دل اندر
طالب المولىٰ هن کي تصوّر ۾ ئي پائي آغوش سيني سان لائي ڇڏيم

راولپنڊي، 10_آگسٽ 1961ع.

Gul Hayat Institute

## غزل

اسين مڪينِ سرِ رهگذارِ يار آهيون
اسين فدائي نگاهِ شرار بار آهيون

اندر ۾ درد و غم و رنج بيشمار آهن
اڪيلا آهيون مگر پاڻ ۾ هزار آهيون

اسان کي در تان ڌڪارڻ مان يار ڇا ورندءِ
گناهگار سهي تنهنجا رازدار آهيون

شرابِ لعل جي هرگز نہ آڇ ڪر ساقي
اسين مئِ لبِ گلگون جا باده خوار آهيون

جي دست بوسي عطا ٿي تہ پو زهِ قسمت
اسين تہ پير چمڻ لءِ بہ بيقرار آهيون

اسان جو عشق هميشہ کان آهي غيرت مند
اسين بہ مملڪتِ دل جا شهر يار آهيون

ڏکي جي ڏار ڪيو دلربا تہ ڇا ٿي پيو
سندس ٿي درد سان هر وقت همڪنار آهيون

جتي رکي سون جبين سائي جاءِ ڪعبو ٿي
حضورِ ذات ۾ هر وقت سجده بار آهيون

خطا معاف، ڪناره ڪشي غلط آهي
اچي تہ ويجهو ڏسو ڏاڍا قربدار آهيون

خبر اٿئون تہ اوهان هاڻ آهہ پڇتايو
ڇريائي آهيون محبّت ۾ ڪين ٻار آهيون

نشست آهِ سرِ راهِ طالب الموليٰ
ڪنهين جي ڪاڻ سدا وقفِ انتظار آهيون.

راولپنڊي 7 جون 1962ع.

## غزل

خبر ڪا نہ تي پئي تہ ڇاکي ڇڏيون؟
وفا کي ڇڏيون بيوفا کي ڇڏيون؟

خطا جي ڪري تي عطا ٿئي عطا
عطا کي ڇڏيون يا خطا کي ڇڏيون؟

ڪڇڻ ڏوھہ مرڪي ملڻ پڻ گناھہ
روا کي ڇڏيون نا روا کي ڇڏيون؟

صدا جي ڪجي تي تہ لوڏيو ڇڏي
نوا کي ڇڏيون همنوا کي ڇڏيون؟

سچي آھہ تي هو تو رويو وهي
رسا کي ڇڏيون نارسا کي ڇڏيون؟

نہ دل تي وري ۽ نہ دلبر اچي؟
يلا دل ڇڏيون دلربا کي ڇڏيون؟

ڪبو سڏ تہ هڪ کي ئي گرداب ۾
خدا کي ڇڏيون ناخدا کي ڇڏيون؟

رضا تي مان راضي هو ناراض ٿئي
رضا کي ڇڏيون نارضا کي ڇڏيون؟

نگاهون ملايون صراحي ڏسون
ڇڏيون ڪيف يا ڪيفزا کي ڇڏيون؟

هٿون ٿا تہ ناحق ڇڏيون ٿا تہ ڏوھہ
عصا کي ڇڏيون يا بلا کي ڇڏيون؟

Gul Hayat Institute

ڏيان سر تہ دلبر ڏيو پٽ وجي
ٻها ڪي ڇڏيون بي ٻها ڪي ڇڏيون؟

هو ظالم سهي نيٺ اسان جو تہ آهہ
سزا ڪي ڇڏيون نا سزا ڪي ڇڏيون؟

تڏي آئي عزّت ڏيڻ فرض آهہ
ڇڏيون مدّعي، مدّعا ڪي ڇڏيون؟

هِتي طالبِ مولا هُت مولا آهہ
زمين ڪي ڇڏيون يا سما ڪي ڇڏيون؟

لاڙڪاڻو 3 ڊسمبر 1973ع

## غزل

اڄڙي واعظ هي ميخانو اٿئي مڪتب تہ ڪونهي ڪو
هتي تنهنجو ڪو هم مَسلڪ ۽ هم مشرب تہ ڪونهي ڪو

اچڻ ڏيو محتسب کي پل اچي رندن سان ڳالهائي
انهيءَ لاءِ مان ٿي بس آهيان اهو مرحب تہ ڪونهي ڪو

گرفتِ زلف پيچان يعني دنيا کان رهائي ٿي
اهو زندانِ عشق آهي مگر لاڪب تہ ڪونهي ڪو

متان گهبرائين شيخِ شهر جي هن خرقہ بازي کان
اهو توجهڙو هڪ انسان آهي ربّ تہ ڪونهي ڪو

سوال ئي ڪو نہ ٿو پيدا ٿئي فرقہ پرستي جو
تو جنهن کي عشق ڇئجي سو پلا مذهب تہ ڪونهي ڪو

پلا دل چو تي ڌڙڪي اچ پلا دل چو ٿي ٿڪي اچ
متان ناگاهہ دلبر جو ورود اِمشب تہ ڪونهي ڪو

اچي پئي بوئي خوش مي خوش مان انجي مون کي مستي ۾
متان منهنجو ئي لب ساقي جي زيرِ لب تہ ڪونهي ڪو

Gul Hayat Institute

عصا و جبہ دستار زيبِ تن نہ ٿي سگھيا
خرافاتِ جهان سان منهنجو ڪو مطلب تہ ڪونهي ڪو

او رشڪِ مشتري او سعدِ اڪبر ڇو نہ آئين تون
ﷲ وعده شڪن اڄ ماه در عقرب تہ ڪونهي ڪو

هلالِ عيد بيحد خوبصورت تو ٿئي والله
مگر هم صحبتو هو غيرتِ غبغب تہ ڪونهي ڪو

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهي طاقت طالب المولىٰ
تہ پو مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو

راولپنڊي، 25 مارچ 1976ع.

## غزل

معلوم ناهہ ڇا ڪان طبيعت اداس آهہ
لاريب لاشعور ۾ ڪو روشناس آهہ

وعده خلافي وعده وفائي جو هڪ شگون
مون وٽ وري هو ايندو قرينِ قياس آهہ

سجّاده و عمامہ و دستار ۽ عصا
هي بدعتي ڪتاب جو هڪ اقتباس آهہ

گوشہ نشين ڪي متان سمجهيو پٽن جو ڪاڄ
هن ڪي تہ ڪائنات جو هردم تپاس آهہ

هي تجربي بڌايو تہ مخدوم پير اڄ
هڪ بي تپاس آهي تہ پيو بي قياس آهہ

آلوده اهڙو جسم معطّر مان ٿيو مشام
جو هر گهڙي ٿو سمجهان تہ هو آس پاس آهہ

Gul Hayat Institute

جنهن تي هميشہ ڪان ئي هي انسان پيو تڳي
سوچي ڪٿي ڏسو تہ سا اميّد و ياس آهہ

جي سچ چوڻ تان ڪير خفا ٿئي تہ پيو ٿئي
پو سمجهبو تہ ان جو نہ حق تي اساس آهہ

هو خرقہ و عبا و قبا سڀ فريب جاڻ
نفرت پريو هي طالبِ مولا لباس آهہ

راولپنڊي، 8 جولاءِ 1975ع.

## غزل

اي ساقي پنهنجي مستن اهلِ ميخانن جي پارت ٿئي
متان خالي ٿين لبريز پيمانن جي پارت ٿئي

بهار آئي وري، دستِ جنون کي عرض ٿو ڪريان
اڳي جي چاڪ آهن تن گريبانن جي پارت ٿئي

جي سڀ وابستہ ۽ منسوب تنهنجي زندگي سان ٿيا
صنم تن يادگارِ زيست افسانن جي پارت ٿئي

اسان ڪهڙا بہ آهيون تنهنجا آهيون تنهنجا هونداسين
اسان کي ڇڏ مگر ناڪام ارمانن جي پارت ٿئي

رهيا جي درد تي همدرد توسان عاشقِ نادان
وصالِ يار کان پو اهڙي مهمانن جي پارت ٿئي

تون مارج پنهنجي هٿ سان ۽ بين کان ڪين مارائج
خطادار آهيون پر پنهنجي نادانن جي پارت ٿئي

اهي جهاتيون تہ پائي تو صنم چريو بنايو آ
مگر لڪڻا پرين، اج پنهنجي ديوانن جي پارت ٿئي

ڇڱو ٿيو جي زماني توکي ڇڏيو طالب المولىٰ
خبر ٿم تون وفادار آهين ويرانن جي پارت ٿئي

ڍاڪا، 8 ڊسمبر 1966ع

## غزل

آزاد دل کي ڪنهن جي تمنّا نٿي ڇڏي
هر هر ملڻ جي ڪاڻ تقاضا نٿي ڇڏي

جوشِ جنون ٿو دعوتِ صحرانوردي ڏي
پر ڪوئي يار کي دلِ شيدا نٿي ڇڏي

ساغر ته چپ چمي چمي ٽڪجي پيو ئي آهه
سڏڪا پري پري ٻه هو مينا نٿي ڇڏي

تيرِنگاهه روز ڪري ٿو قريبِ مرگ
بخشي ٿي جان زبانِ مسيحا نٿي ڇڏي

هوڏانهن وڃان ته ڪوئي صنم ٿي رڙيون ڪري
هيڏانهن اچان ته دامنِ صحرا نٿي ڇڏي

ڪرڻو پوي ٿو ڪنهن جي تقاضا جو احترام
دست و گريبان ٿي رهي دعوا نٿي ڇڏي

محفل جي اختتام جو اعلان ٿي ٻه ويو
مون کي اڃا صراحي و صهبا نٿي ڇڏي

طالب جهانِ عشق جو هيرو ٿو ڀانئجي
جو هر نگاهه شوق اي مولا نٿي ڇڏي

والله مان ته طالبِ مولا ئي آهيان
ليڪن ڪيان ته ڇا ڪيان دنيا نٿي ڇڏي

راولپنڊي، 2 مارچ 1969ع

Gul Hayat Institute

# غزل

ڪهڙي ادا سا چئجي جا دلربا نہ آهي
هر هڪ نگاهہ ان جي ڇا معجزا نہ آهي

ماري نہ ان جياريو جنهن جي ٿيس حوالي
آهي خدا مجازي پر خود خدا نہ آهي

مون وصل جي صدا ڪئي هو هجر ڏئي هليو ويو
جيڏي سزا ڏني وئي تيڏي خطا نہ آهي

بي هر صفت ۽ خوبي دنيا جي آهہ ان ۾
هڪڙي وفا ڇڏي ڏيو بيو ڇا ڀلا نہ آهي

هر جاءِ حق پرستي ٿيندي رهي تہ تيغ
ڪا سرزمين نہ چئبي؟ جا ڪربلا نہ آهي

سيني جي زور تي ئي ڪشتي ڏڪيان ٿو پنهنجي
آهي خدا تہ ساٿي پر ناخدا نہ آهي

تشخيص ٿي غلط ٿئي بيمارِ عشق جي نہ تہ
ڪهڙي دوا سا هوندي جنهن ۾ شفا نہ آهي

جيئن جيئن پڪو پياري تيئن تيئن ٿئي درد پيدا
افسوس منهنجو جاني منهنجي دوا نہ آهي

مون کي چيئين تہ منهنجي قيمت بہ تون ئي آهين
صد حيف منهنجو دلبر ڪو بي بها نہ آهي

ويا سال ڪيئي گذري بي وصل ئي رهياسون
مشڪل پسند سهڻو مشڪل ڪشا نہ آهي

مولا ٿو جاڻي طالب جنهن سان ڪيم محبّت
ان کان پري بہ هوندي پر دل جدا نہ آهي

ڪراچي، 4 مئي 1969ع.

Gul Hayat Institute

## غزل

اگر بي لوث الفت تي وڃي ٿي
قيامت تي قيامت ٿي وڃي ٿي

محبّت جو گناهہ اهڙو ٿئي ٿو
خدا ج وٽ پڻ شفاعت ٿي وڃي ٿي

"مجڻ" وارو مبارڪ آهہ جذبو
اطاعت نيٺ امامت ٿي وڃي ٿي

اچڻ سان ئي گھڻا بخشيا وڃن ٿا
ندامت خود شفاعت ٿي وڃي ٿي

خبر ناهي فقط نيڪن سان هر دم
ڇو واعظ جي عداوت ٿي وڃي ٿي

نهارڻ ئي علالت جو علاج آهہ
ڪڏهن ڪنهن کان طبابت ٿي وڃي ٿي

ڪنهين جي تلخ گفت و گو هميشہ
اسان جي لاءِ بشارت ٿي وڃي ٿي

جو توسان طالب المولىٰ کَهي ٿو
سندس پاڻهي مذمّت ٿي وڃي ٿي

هالا، 18 جنوري 1970ع

Gul Hayat Institute

## حضرت پير ميان امين محمد رحمة الله عليه

(1925ـ1928ع)

سندن ولادت 4 ربيع الاول 1344هـ/23 سيپٽمبر 1925ع تي ٿي. مٿن وڏن جو نالو رکيل هو. پيار مان کين "بنو" ۽ "بنو سائين" سڏيندا هئا. پاڻ

حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائين ﷫ کان ڇهه سال ننڍا هئا، ان ڪري حضرت مخدوم طالب الموليٰ سائين ﷫ جن جو ساڻن ڏاڍو پيار هوندو هو. سندن وصال 14 صفر 1347هه مطابق 1 آگسٽ 1928ع تي ٿيو.

## ضميما:

### 20: حضرت سيد فتح محمد شاهه اجناڻي ﷫[433]

(1273_1350هه/1857_1932ع)

حضرت سيد فتح محمد شاهه اجناڻي خلف سيد راول شاهه اجناڻي پنهنجي دور جو وڏو ڪامل بزرگ، اهل دِل ۽ چڱو موچارو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس شجره نسب سيَد حسن "ڍير ڏٽيءَ" کان ٿيندو 29 پشت ۾ برادرِ رسول ﷺ امير المومنين، امام الاولياءَ حضرت علي بن ابي طالب عليہ السلام جن سان ملي ٿو. سيد حسن شاهه "ڍير ڏٽي" جي پُٽ سيد اجن شاهه جي ڪري ڪيس (حضرت سيد فتح محمد شاهه) ۽ اتي جي ٻين ساداتن کي اجناڻي سڏيو ويندو آهي. حضرت سيد فتح محمد شاهه جا وڏا اصل کان وٺي سيّدنا مرشدنا غوث الحق حضرت مخدوم نوح فقير عليہ رحمت جا حبدار مريد ۽ بيحد ويجهي ڏر ٿي رهيا آهن.

حضرت سيد فتح محمد شاهه جي ولادت سن 1273 هجري مطابق 1857 عيسويءَ ۾ ٿي. ان وقت، حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ رحمت جي گادي تي وقت جو ڪامل مرشد ۽ ولي الله، حضرت مخدوم امين محمد ثالث "پڪن ڏٽي ﷫" جلوه افروز هئا. شاهه صاحب سندن بيعت ڪئي ۽ ڪانئن تلقين ورتائين. سندس ننڍپڻ، جواني ۽ شاعري جو جامع احوال سندس سوانح عمري ۾ درج آهي، هتي البته هڪ ٻه يادگار واقعا ۽ ڪجهه معلومات مناسب سمجهي ڏني اٿم.

---

[433] سيد فتح محمد شاهه اجناڻي ﷫، ص: 17/18/19/20/21/22.
ڏسو شجرو 3 (اجناڻي سادات).

Gul Hayat Institute

چون ٿا تہ حضرت مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه جن جي سجّادگي واري دور (1927_1944ع) ۾ هڪڙي پيري شاھ صاحب، سرور شاھ جي سومار سانگي درگاھ شريف (هالا) تي آيو. سومار شريف جي رسمن ۽ دعائن بعد حضرت قبلا مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ڪجھ دير ماٺ ۾ ويھڻ بعد هٿ ٻڌي، ڏانھن نھاري چيائين تہ "قبلا سائين! يھوديءَ سچ چيو هئو". پاڻ جواب ۾ "ها" فرمايائون ۽ ٻنھي ڄڻن جون اکيون اشڪبار ٿي ويون. ڪجھ وقت انھي عالم ۾ رهڻ کان پوءِ حضرت قبلا سائين جن اٿيا ۽ شاھ صاحب بہ اٿيو ۽ مڪانَ ڏي روانو ٿيو. اُتي موجود احبابن ۽ نقيرن کي اهو لقاءُ ڏسي حيرت ٿي. ڪجھ وقت کان پوءِ سندن استسفار تي معلوم ٿيو تہ شاھ صاحب جو اشارو يزيد جي دربار ۾ ويٺل ان پرڏيهي يھودي سفير (روم جو سفير) ڏانھن هئو جنھن حضرت امام حسين عليہ السلام جن جو سر مبارڪ ڏسي ۽ سندن شهادت جو ذڪر ٻڌي، پريءَ دربار ۾ بنا ڪنھن خوف و خطر جي حڪومت وقت جي انھيءَ ظلم کي ننديو احتجاج ڪيائين ۽ انھيءَ مھل دربار مان اٿي هَليو ويو هئو.

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رح جن ڏينھن ۾ "يادِ رفتگان" جي ٻئي ڇاپي جي ترتيب جو ڪم ڪري رهيا هئا، تن ڏينھن ۾ هڪڙي پيري مون (جميل الزمان) کي مختلف واقعا ٻڌائيندي، شاھ صاحب سان ملاقات وارو واقعو پڻ ٻڌايائون. فرمايائون تہ "اسان پنھنجي والد صاحب قبلا جن کي عرض ڪيو تہ اجازت ڏيو تہ وڃي فتح محمد شاھ سان ملي اچون." پاڻ اجازت بہ ڏنائون ۽ سمجھاڻي ڏيندي فرمايائون تہ "سڌو شاھ صاحب وٽ وڃجو جتي ويھاري اُتي ويھجو جيڪا ڳالھ پڇي ان جو جواب ڏجو ۽ جيڏي مھل اجازت ڏيئي اوڏي مھل واپس هليو اچجو." شاھ صاحب، ان وقت موجوده مڪان تي رهندو هو. ڪيس اطلاع ڪرايو ويو. اسين پھتاسين تہ شاھ صاحب بيٺو هئو وڏي اچي بيحد قرب سان مليو ۽ اڳيئي وڇايل رلي تي ويھڻ لاءِ چئي پاڻ نُڪَ تي ٿي ويٺو. حضرت قبلا والد صاحب جن جو پڇڻ بعد بہ ٻي ڳالھيون ڪيائين ۽ ٿوري دير بعد موڪل ڏنائين. ان وقت بہ شاھ صاحب وڏي عمر جو هئو. سندن قد ڊگھو بت سنھون ۽ منھن تي سفيد ۽ ڊگھي ڏاڙهي رکيل هئيس."

مون بعد ۾ تحقيق ڪئي تہ معلوم ٿيو تہ حضرت قبلا سائين جن جي،

Gul Hayat Institute

شاهہ صاحب سان اِها ملاقات اندازن سن 1929/1930ع ڌاري ٿي هوندي حضرت قبلا سائين جن جي عمر ڏهہ سال کن ۽ شاهہ صاحب جي عمر ٻاهتر سال کن هئي.

سيد فتح محمد شاهہ کي هڪڙو پاڻ بہ هئو جنهن جو نالو ابراهيم شاهہ هئو ان جي مزار ٻهرم ٻري ۾ آهي. شاهہ صاحب کي سواءِ هڪڙي نياڻي جي ٻيو اولاد ڪونہ ٿيو. سيد غلام حيدرشاهہ عرف جڙيل شاهہ سندس ناٺي هئو جيڪو بعد ۾ صاحبِ دستار ٿيو. سيد جڙيل شاهہ (جنهن کي سيد وڏو بہ سڏيو ويندو هئو) 20 اپريل 1914ع/23، جميد الاول 1333هجري تي ڄائو ۽ 4 فيبروري 1988ع/16 جميد الثاني 1408 هجري تي انتقال ڪيائين. سندس (سيد جڙيل شاهہ جي) پڳ هن وقت سندس وڏي پٽ سيد جمن شاهہ (ولادت: 20 جولاءِ 1945ع) تي آهي.

حضرت سيد فتح محمد شاهہ هميشہ رات جو سفر ڪندو هو سڄي رات جي سفر کان پوءِ منزل تي پڄي عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول ٿي ويندو هئو. سندس لباس، کاڌو ۽ خوراڪ بيحد ساده هوندي هئي. غير ضروري گفتگو کان احتراز ۽ اڪيلائي کي پسند ڪندو هئو. سندس وصال 13 رمضان 1350 هجري بمطابق 22 جنوري 1932 عيسوي تي بروز جمع 75 سالن جي ڄمار ۾ ٿيو ڪيس سندس مڪان تي ئي سپردِ خاڪ ڪيو ويو.

حضرت مخدوم غلام محمد عليہ رحمت جن جي حڪم تي، حضرت مولوي مخدوم غلام حيدر سائين عليہ رحمت جن شاهہ صاحب جي درگاهہ جوڙائڻ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو ۽ بالآخر سندن نظرداري ۽ نگرانيءَ هيٺ تاريخ 18 رمضان 1358 هجري مطابق 1 نومبر 1939ع اربع تي درگاهہ جُڙي راس ٿي. درگاهہ جو انتظام ۽ سار سنڀال، سيد جمن شاهہ جي ننڍي ڀاءُ سيد غلام مصطفيٰ عرف ڏنل شاهہ (ولادت 11 جون 1955ع) جي حوالي آهي. جنهن تازو پنهنجي ذاتي ڪوشش سان درگاهہ سان لڳو لڳ هڪ عاليشان مسجد شريف ٺهرائي آهي ۽ سڄي درگاهہ ۽ مڪان جي مرمت پڻ ڪرائي آهي.[434]

[434] ڏسو مهاڳ.

Gul Hayat Institute

پئسن ڪي ڇا ڪريون.

لطف فقير (فقير سيد لطف علي) آخر ۾ بيمار ٿي پيو جڏهن محسوس ڪيائين تہ وڃڻ جو وقت آهي تڏهن ڦل خاصخيليءَ کي چيائين تہ سندس پائينتا سن شهر وٺ رهن ٿا انهن کي گهرايو ڦل خاصخيلي پاڻ ويو ۽ وڃي سندس پائنتين کي وٺي آيو فقير صاحب جو انتقال ڦل خاصخيليءَ جي گهر سالاري ۾ ٿيو جتي کيس سيد اول شاهہ جي مقام ۾ دفن ڪيو ويو.[440]

## 22: عالي فقير[441]

(1872_1936ع)

عالي فقير ذات جو سيد هو. سندس ولادت اندازاً 1872ع ۾ ٿي. اصل خانوٽ ۾ رهندو هو بعد ۾ هميشہ جي لاءِ اچي هالن ۾ سڪونت پذير ٿيو. سيد عالي فقير جو قد ڊگهو ۽ وار بہ ڊگها هوندا هئا. عموماً گيڙو رنگ جي الفي پائيندو هو. حضرت مخدوم غلام محمد "مغموم" جن سان گهاٽو تعلق هوندو هوس. عالي فقير ۽ لطف علي فقير هڪ ٻئي جي موجوگيءَ کي برداشت نہ ڪندا هئا. جيڪڏهن عالي فقير اڳ ئي وينو هوندو هو ۽ لطف علي فقير ايندو هو تہ عالي فقير فوراً اُٿي ويندو هو ۽ ساڳيءَ طرح جيڪڏهن لطف علي فقير وينو هوندو هو ۽ عالي فقير ايندو هئو تہ لطف علي فقير فوراً اتان اٿي ويندو هئو. عالي فقير جو انتقال 63 ورهين جي عمر ۾ 17 رجب 1355هہ مطابق 4 آڪٽوبر 1936ع تي ٿيو. سندس مزار درگاهہ حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ رحمت جي اتر طرف سندس نالي واري اوتاري ۾ آهي، جنهن جي باقاعده تعميرات 1 محرم 1405هہ بمطابق 27 سيپٽمبر 1984ع تي ٿي.

Gul Hayat Institute

---

[440] راوي ڪمون ڪوري هن جو چوڻ اهو بہ آهي تہ انتقال بعد فقير کي هتان سالاري مان ڪڍائي ويا پوءِ جي خبر ڪانهي بيو راوي ڦل خاصخيلي جو ڏهٽو عرس خاصخيلي آهي جنهن جي چوڻ موجب فقير صاحب کي سالاري ۾ دفن ڪيو ويو. جيئن تہ فقير سڄي عمر ڦل خاصخيلي وٽ رهيو ان ڪري ڦل خاصخيليءَ جي ڏهٽي جي روايت کي معتبر سمجهي برقرار رکجي ٿو.

[441] مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ص: 61.

# 23: محمد فقير ڪٽياڻ

(1874_1941ع)

محمد خان ولد حيدر خان ذات ڪٽياڻ ڳوٺ بوداٽي ڪٽياڻ، تعلقہ هالا نوان ضلعو حيدرآباد سنڌ. ڪٽياڻ افغانستان کان سنڌ ۾ آيا. ٽالپورن کين فوج ۾ ڪنيو. سنڌن بهادري ۽ ڪاميابي تي کين جاگيرون بہ مليون. 1914ع ۾ جرمن واري لڙائي ۾ انگريزن کي جيڪا مدد حضرت پير سائين پاڳاري جن ڏني ۽ هڪ دستو ماڻهن جو ڀرتي ۾ ڏنو. اهو دستو محمد خان جي سرڪردگي هيٺ ويو ۽ ڪامياب واپس وريو. محمد خان ڪجھ وقت خانگي نوڪري بہ ڪئي، پر نيٺ دنيا کي ترڪ ڪري فقير بڻجي ويو. فقير صاحب فقيري ۾ جيڪو رنگ ۽ ڍنگ اختيار ڪيو ان جو موجد پاڻ ئي هو. نچندي، ڳائيندي وڄائيندي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ توحيد جي موج مچائي ڇڏيائين. فقير صاحب شاعري ۾ بہ هڪ طرز اختيار ڪئي جا نہ اڳ هئي ۽ نہ پوءِ ئي آهي. فقير صاحب سنڌي، سرائڪي، اردو، هندي، فارسي ۽ عربي ۾ چڱو ماهر هو. سخي قبول محمد سندس ڪلام بڏي پيشاني چمندو هئس. چوندو هو تہ "ان ڪوناري کي چمان تو جنهن مان هي سخن پڇي نڪتا آهن." فقير صاحب سدائين سربرهنہ رهيو. جيئن فوٽي ۾ ظاهر آهي ۽ چوي ٿو:[442]

عاشق اصل اويسي وحدت وصال ويسي،
مشهور ٿيو مهيسي "محمد" مٿي اگهاڙو.

# 24: استاد سينڌو خان "صيد"

(1880_1942ع)

سينڌي خان ولد هِندي خان تخلص "صيد"، سندس والد جو اصل وطن هند، پوءِ اچي سنڌ ۾ وطني ٿيو. هندي خان، بهترين گويو هو آنجهاني سيٺ وشن داس مانجهو واري وٽ وظيفہ تي رهندو هو.

مرحوم اتي ئي ڄائو تنهن ڪري مٿس سنڌي خان نالو رکيو ويو. مرحوم "صيد" پنهنجي خانداني فن علم موسيقي ۾ اعليٰ کان اعليٰ ماهر ٿيو. سنڌ

---

442 منهنجو ننڍپڻ، ص: 95/96.

Gul Hayat Institute

محب جي مجلس هجي تنهن ۾ هجي ويٺو ضرور،
تان سڄي سوغات سارو ساهہ نذرانو نجي.
اڱڻئون عجيبن جي هميشہ حال هيٺي سان هلي،
نياز سان ناتو رکي پو پرت سان پڌرو ٿجي.
اي پريل "پينار" توڪان جي پچن پاٿهي پرين،
عشق جو احوال سارو مر چٽو چوري چجي.

## 26: ربو فقير ابڙيجو

(1861_1936ع)

ربو فقير اٽڪل 1861ع ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو طيب ابڙيجو هو. ربو فقير جا وڏا اصل کان حضرت مرشدنا غوث الحق مخدوم نوح عليہ رحمت جا مريد هئا. پاڻ حضرت قبلہ مرشدنا مخدوم غلام محمد 16 سجادہ نشين حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ رحمت جن جي حاضري جو نوڪر هو. هميشہ سندن حڪم ۽ هدايتن تي هليو. سندس ٻہ ڀائر هئا جن جو اولاد موجود آهي. پاڻ شادي ڪا نہ ڪيائين ۽ 75 سالن جي عمر ۾ سن 1936ع ۾ لاولد انتقال ڪيائين. کيس سندس آبائي ڳوٺ الياس ابڙيجي ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.[446]

## 27: ڦتو ڳاهوٽي

(1902_1958ع)

وڏيرو فتح محمد عرف ڦتو ڳاهوٽي ولد مير حسن ڳاهوٽي جي ولادت 1902ع ۾ ٿي. پاڻ اصل کان وني ڳوٺ پوٽو تعلقي هالا جو رهواسي هو. شڪار جو شوق هوندو هئس. حضرت قبلہ مرشدنا مخدوم غلام محمد صدّيقي قريشي جن وٽ رهندو هئو سندن خدمتگار ۽ نوڪر هو. 1941ع ۾ ديهہ مناهي ۾ کيس ڪمدار ڪري رکيائون، جتي چار سال عمدي طرح سان نوڪري ڪيائين. ڪمداريءَ دوران پاڻ سخت بيمار ٿي پيو اهڙو جو سندس

[446] منهنجو ننڍپڻ، ص: 72.

Gul Hayat Institute

ٻچڻ جي اميد نظر ڪا نـ ٿي آئي. فوراً حضرت قبلہ مرشدنا حضرت مخدوم غلام محمد سائين جن کي اطلاع ڪرايو ويو پاڻ هالا شريف مان گهوڙي گاڏيءَ تي چڙهي سعيد آباد واري ٽڌهوڪي اوطاق تي تشريف فرما ٿيا. ڦتو کي ڏنائون ۽ فرمايائون تہ الله جي فضل سان فقير کي نيڪ ٿا ڪريون. حڪم ڏنائون تہ مال ۾ جيڪا پلي ۾ پلي شيءِ هجي سا الله جي راھہ ۾ قربان ڪئي وڃي. سندن حڪم جي تعميل تي ۽ هڪڙو ڍڳو (جنهن جي قيمت انوقت سورنهن سئو روپيا هئي، جيڪو نبو چانگ کان خريد ڪيو ويو هئو) واٽ الله جي ۾ قربان ڪيو ويو ۽ الله جي فضل و ڪرم سان ڦتو ڳاهوڻي کي نئين حياتي ملي ۽ پاڻ آهستہ آهستہ صحتياب ٿيو. ڦتو ڳاهوڻي، حضرت مرشدنا قبلا مخدوم غلام محمد سائين رحمة الله عليه جن کان پوءِ حضرت قبلہ مولوي مخدوم غلام حيدر سائين رحمة الله عليه ۽ حضرت قبلہ مرشدنا مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه جن وٽ ڪمدار ٿي رهيو. اٽڪل 56 سالن جي عمر ۾ بيمار ٿي پيو ۽ سن 1958ع ۾ وصال ڪيائين.[447]

## 28: مريد فقير ميربحر

مريد فقير جي والد جو نالو حسين هئو. سندس ڄمڻ ۽ وصال جي تاريخ نہ ملي سگهي آهي. سندس وڏا اصل کان حضرت مخدوم صاحب جن جا مريد آهن. پاڻ مريد فقير اوّل ۾ پخالي هوندو هئو بعد ۾ حضرت قبلا مرشدنا مخدوم غلام محمد عليہ رحمت جن کيس پاڻ وٽ بازدار ڪري رکيو. مريد فقير وڏي بنگلي ۾ بازن واريءَ ڪوٺيءَ ۾ رهندو هئو سندن سار سنڀال ڪندو هئو ۽ بنگلي جي خدمت بہ انجام ڏيندو هئو. سندس زندگي جا ڪيئي قصا ۽ ڳالهيون ٻڌبيون آهن. مريد فقير وڏي عمر ۾ انتقال ڪيو کيس مڪان تي (سعيد آباد پرسان) سپرد خاڪ ڪيو ويو. سندس اولاد اڄ بہ حضرت مخدوم صاحب جن وٽ رهي ٿو.[448]

---

[447] منهنجو نند پڻ، ص: 95.

[448] منهنجو نند پڻ، ص: 98.

Gul Hayat Institute

# 29: فقير الهہ بخش "بهشتي"

(1895_1949ع)

فقير الله بخش بهشتي صوفي بن فقير برادي مرحوم ويئل هالا نوان ضلعو حيدرآباد، 1895ع ۾ ڄائو. پاڻ ننڍپڻ کان ئي فقيري ڏي مائل هئو. سندس شمار قبلہ والد صاحب (مخدوم غلام محمد ﷫) جن جي خاص خدمتگارن ۾ ٿيندو هو. خانگاهہ ۽ حويلي جو پاٽي فقير صاحب پاڻ ڀريندو هو. جنهن ڪري ڪيس بهشتي سڏيندا هئا. شاعري ۾ بہ اهو تخلص طور ڪتب آندو اٿس. وٽس هميشہ راڳ جون محفلون ٿينديون رهنديون هيون. جتي راڳ جا شوقين ۽ راڳيندڙ ڪافي تعداد ۾ اچي شريڪ محفل ٿيندا هئا. قبلہ حضرت مخدوم غلام محمد سائين عرف گل سائين جن فقير صاحب کي جيڪو مڪان عنايت فرمايو هو. ان جي تعمير ۾ ڄام صاحب جو وڏو هٿ هو. فقير صاحب ان مڪان جي لڪي دروازي تي پنهنجو شعر نسب ڪرايو هو جنهن مان اندازو ٿو ٿئي تہ اهو سندس آخري اشعار مان آهي. سندس تجهيز ۽ تڪفين حضرت مولوي حضرت مخدوم غلام حيدر صاحب جن جي هدايت مطابق ٿي ۽ فقير صاحب کي انهيءَ ئي مڪان ۾ سپرد خاڪ ڪرايائون ۽ آخري رسومات تائين موجود رهيا.[449]

## ڪلام[450]

اک اکن اندر اڙائي دلربا کي ڪو ڏسي،
پرت وارو پيچ پائي دلربا کي ڪو ڏسي.

واٽ وحدت جي وسيلي نينهن جي نازڪ نظر،
۽ قدم قربيون ڪڏائي دلربا کي ڪو ڏسي.

اي الله بخشا "بهشتي" ڄاڻون ٿي ڏس ڄاڻ کي،
درد جا دونهڙا دکائي دلربا کي ڪو ڏسي.

---

[449] مخدوم طالب المولىٰ، يادِ رفتگان، ص: 156/157.
[450] يادِ رفتگان، ص: 157.

Gul Hayat Institute

## 30: رئيس غلام محمد خان نظاماڻي

(1906_1982ع)

رئيس غلام محمد خان نظاماڻي، ولد رئيس محمد حسن خان نظاماڻيءَ جي ولادت 14 ڊسمبر 1906ع[451] تي ٿي. ڏاڏي جو نالو رئيس نور محمد خان نظاماڻي هئس. رئيس جا وڏا اصل پنجاب جي ضلعي ديره غازي خان جا رهاڪو هئا. ڪلهوڙن جي دور ۾ پنجاب مان هجرت ڪري اچي، هالا جي پر ۾ آباد ٿيا. هن وقت انهيءَ ڳوٺ جو نالو ”ڪرم خان نظاماڻي“ آهي.

رئيس غلام محمد خان نظاماڻي پرائمري تعليم سندس آبائي ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻيءَ مان حاصل ڪئي ۽ ان ڪان پوءِ ڪجھ پارسي تعليم پڻ حاصل ڪيائين. ان ڪان علاوه پاڻ، عالي جناب حضرت مخدوم طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه جن سان گڏ بہ ڪجھ وقت پارسي تعليم هالا ۾ حاصل ڪيائين.

رئيس جو لباس تمام سادو، شلوار قميص، پٽڪو يا گهڻو ڪري پهراڻ پهريندو هئو. جيئن تہ سندس وڏن رئيس نيڪ محمد خان ۽ رئيس تاج محمد خان جن جو واسطو ۽ تعلق هالا جي مخدوم صاحبن سان هوءِ اتي ئي رهندا هئا، تنهن ڪري رئيس غلام محمد خان مرحوم بہ ننڍي هوندي کان ئي مخدوم صاحب جن وٽ رهيو ۽ عالي جناب مخدوم غلام محمد سائين رحمة الله عليه جن کان ذڪر پڻ حاصل ڪيائين ۽ سندن فقيري صفت ۽ خصلت جي ڪري رئيس تي بہ تمام گهڻو اثر ٿيو.

رئيس غلام محمد خان، سندس خاندان جي مشهور عالم دين مولانا شفيع محمد نظاماڻي صاحب وٽان سندس نياڻيءَ سان شادي ڪئي. جنهن مان کيس هڪ فرزند رئيس علي احمد خان نظاماڻي تولد ٿيو. رئيس غلام محمد خان هڪ سنجيده، ٿورو ڳالهائو ۽ فقير صفت انسان هو. سندس ڪچهري ۾ ويهبو هو تہ اٿڻ تي روح ڪو نہ چوندو هو. پاڻ خداترس، نيڪ، غريب پرور، مرد شناس انسان هئو غريبن سان پيار ڪرڻ وارو ۽ ساٿن گڏ هيٺ نک يا تڏي تي ويهي ڪچهري ڪندو هئو.

رئيس غلام محمد خان پوري حياتي پنهنجي حال سارو غريبن جي مدد

---

451 مطابق 27، شوال 1324 هہ بروز جمعہ.

ڪئي ۽ هميشہ سندن ذڪ ۽ سڪ ۾ گڏ رهيو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ بہ ڪرم خان نظاماڻي يا ان جي آسپاس جا راڄ ڪيس پيار ۽ محبّت سان ياد ڪن ٿا ۽ اڄ بہ سندس اولاد ڪي پنهنجو وڏو ۽ چڱو مڙس سمجهن ٿا.

سندس وصال 1 مئي 1982ع بمطابق 14 رجب 1402هجري تي سومر جي ڏينهن شام جو 5 وڳي ٿيو. ڪيس سندس ابائي ڳوٺ ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو.[452]

## 31: حضرت پير ميان امام علي صدّيقي قريشي رح[453]

(1906_1974ع)

حضرت پير ميان امام علي صدّيقي قريشي بن حضرت پير ميان صدّيق محمد، صدّيقي قريشي رحمة الله عليه جن جي ولادت اٽڪل 1906ع ۾ سندن آبائي ڳوٺ اڇ شريف ۾ ٿي. پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير عليہ رحمت جي پوٽي ۽ سجّاده نشين حضرت مخدوم ابوالخير ابو محمد رح جي ٻئي نمبر فرزند حضرت پير ميان فضل الله رح جي اولاد مان هئا. سندن وڏا بزرگ اصل ۾ مرتضيٰ آباد. هالا پراڻا ۽ بعد ۾ هالن نون ۾ رهندا هئا. اڄ کان اٽڪل بہ سئو يا اڍائي سو سال اڳ دين جي تبليغ ڪرڻ لاءِ هالا شريف مان هجرت ڪيائون ۽ بالآخر اڇي موجوده ڳوٺ اڇ شريف ضلع بدين ۾ سڪونت پذير ٿيا. سندن مريد ۽ خادم جيڪي درگاهہ حضرت مخدوم نوح فقير عليہ رحمت جا ئي مريد آهن، سي سنڌ کان علاوه جيسلمير وغيره ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ رهن ٿا.

حضرت پير ميان امام علي صدّيقي قريشي رحمة الله عليه جن جو شجره نسب هن ريت آهي: پير ميان امام علي بن پير ميان صدّيق محمد بن ميان ونهيل بن ميان ٻُڌل بن ميان ونهيل بن ميان لائق ڏنو بن ميان نيندو بن ميان لائق ڏنو بن ميان جمن بن ميان نِپوڙو بن ميان محمد عاقل بن ميان پير عنايت بن ميان فضل الله بن حضرت مخدوم ابوالخير ابو محمد بن حضرت مخدوم محمد امين اول بن حضرت مرشدنا غوث الحق مخدوم نوح فقير عليہ رحمت.

---

[452] منهنجو ننڍپڻ، ص: 103/104.

[453] منهنجو ننڍپڻ، ص: 68/69/70.

Gul Hayat Institute

حضرت پير ميان امام علي صاحب رح جن بيحد بااخلاق، خوش شڪل ۽ باهمت مرد هئا. پاڻ قدآور، بت ۾ پريل رعبدار مگر بيحد شفيق شخصيت جا مالڪ هئا. سگهڙن جي ڪچهرين ۽ رهاڻن جا ڪوڏيا ۽ ذوق جا صاحب هوندا هئا. سندن تعليم ۽ تربيت خانداني طرح سان ٿي، تڏهوڪي زماني ۾ سهولت نہ هجڻ ڪري زياده تعليم نہ وٺي سگهيا، تاهم لکڻ پڙهڻ سان شوق هوندو هون ايتري قدر جو ڪو ڪلام يا ڪو شعر وڻندو هو تہ لکي يا لکرائي پاڻ وٽ رکندا هئا. سير و سفر بہ گهڻو ڪندا هئا.

جڏهن بہ هالا شريف ايندا هئا تہ سندن پاٿاري "اناس بنگلي" ۾ ٿيندي هئي، هتي نهايت آڳاٽو دستور آهي تہ حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ رحمت جا سيئي مريد خادم ۽ خاص خاص ڏريون (ماڻهو) پٽ تي نڪون وغيره وڇائي سمهندا ڪندا هئا ۽ آهن حضرت پير ميان امام علي صدّيقي قريشي رح جن لاءِ حضرت قبلہ مخدوم صاحب جن خاص طرح سان کٽ ۽ ڪرسيون وغيره رکرائيندا هئا. سندن پاٿاري هميشہ متي ٿيندي هئي.

پاڻ بہ شاديون ڪيائون، پهرين شادي پنجاب ۾ رهندڙ صدّيقي قريشي پيرن مان ٿين جيڪا غالباً 1920ع واري ڏهاڪي جي بلڪل آخر ۾ يا 1930ع واري ڏهاڪي جي منڍ ۾ ٿي. سندن سهري جو نالو پير ميان فضل محمد بن پير ميان امام بخش صدّيقي قريشي آهي، ٻي شادي ڳچ سالن کان پوءِ پانن مان ڪيائون.[454]

حضرت پير ميان امام علي صدّيقي قريشي جن جو انتقال جون 1974ع ۾ ٿيو.

---

[454] حضرت پير ميان امام علي صدّيقي رح جن کي پهرئين گهر مان بہ نياڻيون ۽ ٽي فرزند تولد ٿيا، ۽ ٻئي گهر مان ٽي نياڻيون ۽ ٽي فرزند تولد ٿيا. سندس فرزندن جا اسم گرامي هي آهن:

1. حضرت پير ميان علي انور صدّيقي قريشي رح.
2. حضرت پير ميان علي بهادر صدّيقي قريشي رح.
3. حضرت پير ميان علي نواز صدّيقي قريشي رح.
4. حضرت پير ميان منور علي صدّيقي قريشي رح.
5. حضرت پير ميان مختيار علي صدّيقي قريشي رح.
6. حضرت پير ميان علي احمد صدّيقي قريشي رح.

Gul Hayat Institute

# واقعاتي تاريخ:

(1345_1364هه 1927_1944ع)

## 1927ع

14_ جنوري:
حضرت مخدوم غلام محمد "مغموم" بن حضرت مخدوم ظهيرالدين جي دستاربندي ٿي. پاڻ حضرت مخدوم نوح جن جي 16_سجاده نشين جي حيثيت ۾ مسندِ خلافت تي ويٺا (9_ رجب 1345هه).

29_ مارچ:
هڪ مسلمان عورت جي معاملي تان لاڙڪاڻي مان هندو-مسلم فسادن جي شروعات ٿي.

5_ اپريل:
صوفي محمد زمان "مجذوب" بن صوفي نواز علي سومرو ڳوٺ صوفي فقير ۾ ڄائو.

5_ جون:
سر شاهنواز ڀٽي جي صدارت ۾ "سنڌ محمڊن ايسوسيئيشن" جي گڏجاڻي حيدرآباد ۾ ٿي.

27_ جولائي:
پيرزادو عبدالقيوم "صائب" بن پيرزاده نبي بخش ڄائو.

21_ سيپٽمبر:
ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي، سنڌ مدرسي ڪراچي جي پرنسپال جي چارج ورتي.

18_ آڪٽوبر:
ڊاڪٽر نجم الدين عباسي "نجم عباسي" ڄائو.

27_ نومبر:
مخدوم پير ميان اعجاز حسين صدّيقي قريشي، هالا نوان ۾ تولد ٿيو.

## 1928ع

1_ جنوري:
سيد سردار علي شاهه "ذاڪر" گهوٽڪيءَ ۾ ڄائو.

Gul Hayat Institute

5_ جنوري:

قائدا عوام، شهيد جمهوريت فخرِ ايشيا ذوالفقار علي خان ڀٽو لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.

12_ جنوري:

ڇتن شاهہ دوم بن سيد عنايت شاهہ دوم جو وصال ٿيو.

29_ جنوري:

شاهہ حيدر سنائيؒ جي عرس جي موقعي تي سن ۾ تعليمي ۽ تنظيمي ڪانفرنس ٿي.

22_ فيبروري:

سيد محمد حافظ شاهہ ولد سيد الله بخش شاهہ ڄائو. سندس تخلص ”ناطق“ هئو جيڪو مخدوم طالب المولىٰ ڏنس.

28_ فيبروري:

صالح ميمڻ ”مسرور ڪيفي“ ولد عبدالرحمان ميمڻ تولد ٿيو.

16_ مئي:

سيد زمان شاهہ ”ساقي“ رضوي جو انتقال ٿيو.

17_ جولائي:

سنڌ هندو- مسلم پئڪٽ ٿيو. پهريون دفعو سنڌي هندن سنڌ جي جدائي واري سوال کي قبول ڪيو.

27_ آڪٽوبر:

خلافت تحريڪ سنڌ صوبي جو اجلاس سکر ۾ شروع ٿيو. حسين احمد مدني صدارت ڪئي.

12_ نومبر:

سرجان سائمن جي اڳواڻيءَ ۾ ”سائمن ڪميشن“ ڪراچي پهتي.

12_ نومبر:

”سنڌ محمدن ايسوسيئيشن“ جو وفد، محمد ايوب کهڙي جي اڳواڻي ۾ سائمن ڪميشن سان مليو.

22_ نومبر:

موجوده پير پاڳارو، پير سيد شاهہ مردان شاهہ ثاني تولد ٿيو.

Gul Hayat Institute

## 1929ع

7_ جنوري:
راءِ بهادر سيٺ وشنداس ولد سيٺ نهال چند پارواڻي جو 85 سالن جي عمر ۾ ديهانت ٿيو. سندس ولادت 1843ع ۾ ٿي.

16_ جنوري:
غلام رسول ابڙو ولد حاجي محمد بخش ابڙو، ڳوٺ ٽرڙي محبّت ضلعي دادو ۾ ڄائو. سندس تخلص "راز" آهي.

15_ مارچ:
غازي الدين "نشتر ناٿن شاهي" ڄائو.

3_ جولائي:
خانبهادر شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ ولد مرزا فريدون بيگ انتقال ڪيو.

14_ آگسٽ:
اميد علي جمالي "اميد خيرپوري" ولد مراد علي خان جمالي خيرپور ۾ ڄائو.

31_ آڪٽوبر:
مفتي محمد سعدالله انصاري "سڪينه الروح في تذڪرة المخدوم نوح" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو لکي پورو ڪيو (27_جمادي الاول 1348هه). ڪتاب جا مصنف اعليٰ حضرت مخدوم مولوي غلام حيدر صدّيقي هالائي رحمة الله عليه هئا.

7_ ڊسمبر:
آغا خان جي شادي ٿي.

13_ ڊسمبر:
شمس شاهه "مجذوب" وفات ڪئي. ڳوٺ غلام آرائي تعلقي ٽنڊو باگو ۾ دفن ٿيو.

Gul Hayat Institute

## 1930ع

15_ جنوري:
سنڌ جو مشهور شاعر ۽ راڳي فقير حسين بخش "خادم سروري" ولد پير بخش ينگر ڄائو. حضرت مخدوم طالب المولىٰ رحمة الله عليه سان بيحد محبّت ۽ عقيدت هئس ۽ سندن حاضري جو ملازم هئو.

16_ جنوري:

سيد احمد شاھ، ”استاد بخاري“ ڄائو.

هڪ شخص هڪڙي شهر ۾ دانهون رڙيون ڪيون،
بيدرد لوڪ بند ڪٽي درد دريون ڪيون.

استاد بخاري

29_ مارچ:

محمد بلاول ”پرديسي“ ولد محمد يعقوب ڳوٺ خانوٽ تعلقي هالا ۾ ڄائو.

11_ اپريل:

محمد آچر ”نظير تڪڙائي“ ولد جمال خان تولد ٿيو.

18_ مئي:

ڊاڪٽر مرزا مراد علي بيگ ”مدد“ ولد مرزا نور محمد بيگ (ڄم 1884ع) جو وصال ٿيو.

22_ مئي:

سنڌ مسلم ڪانفرنس جي گڏجاڻي سکر ۾ ٿي، سر شاهنواز ڀٽي صدارت ڪئي.

7_ جون:

نقير قلندر بخش صوفيءَ جي شهادت ٿي، پاڻ ان وقت روزي سان هئو. (9_ محرم 1349ھ).

14_ جولائي:

مولوي عبدالله ”اثر“ ولد مولوي الهڏنو لاڙڪاڻي جي ڳوٺ پيڙو چانڊيو ۾ ڄائو. ”ذڪر حبيب ﷺ“ نالي نعتيہ ديوان لکيائين. 26_ ڊسمبر 1976ع تي هڪ حادثي ۾ انتقال ڪيائين.

5_ آگسٽ:

سکر ۾ هندو_مسلم فساد ٿيو.

Gul Hayat Institute

1_ آڪٽوبر:

قائداعظم محمد علي جناح، سنڌ مدرسہ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ شاگردن کي خطاب ڪيو.

8_ آڪٽوبر:

سنڌ جو مشهور معروف شاعر ۽ اديب عبدالرؤف ابڙو ”منصور ويراڳي“ هالا نوان ۾ ڄائو.

12_ نومبر:

برطانيا ۾ پهرين گول ميز ڪانفرنس شروع ٿي.

5_ ڊسمبر:

سنڌ جي بزرگ حضرت سيد سمن شاهه سرڪار رحمة الله عليه جو انتقال ٿيو (14_ رجب 1349هه). پاڻ حضرت سيّدنا امام حسين عليه السلام جي اولاد مان هئو. سندس سلسلهٔ نسب هن ريت آهي: سيد سمن شاهه بن سيد گل شاهه ثاني بن سيد قربان علي شاهه بن سيد علي بخش شاهه بن سيد گل شاهه بخاري (هي بزرگ 12 صدي هجري ڌاري سنڌ ۾ آيو.) سيد سمن شاهه جي درگاهه ضلعي بدين ۾ آهي.

1931ع

8_ فيبروري:

مير امام بخش خان ٽالپر 'خيرپور ميرس' واري جو وصال ٿيو.

20_ فيبروري:

خير محمد "سوز ڇڇڙائي" ولد استاد خدا بخش ٻرڙو ڳوٺ ڇڇڙا ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو.

5_ اپريل:

سنڌ جو شاعر احمد خان "مدهوش" ولد حاجي فقير شغلي جوهي ضلعي دادو ۾ ڄائو.

7_ اپريل:

علامه محمد قاسم ڳڙهي ياسيني جو وصال ٿيو (18_ذوالقعد 1349هه).

12_ اپريل:

سيد اسد الله شاهه "بيخود حسيني"، ٽکڙ ۾ ڄائو.

اسان جون اميدون اوهان جا بهانا،
ٿيا ڇڙ تہ ڪارون جا ڪي خزانا.
بيخود حسيني

27_ اپريل:

ڪراچيءَ ۾ آل انڊيا ڪانگريس جو اجلاس ٿيو. سردار ولڀ ڀائي پٽيل صدارت ڪئي.

30_ جون:

پير سيد حزب الله شاهه عرف جيئل شاهه راشدي ولد پير حسين علي شاهه

Gul Hayat Institute

راشدي کي حُرن پير ڳوٺ ۾ شهيد ڪري ڇڏيو. سندس مزار پير ڳوٺ ۾ درگاهہ جي اُتر پاسي آهي. سندس ولادت 1902ع ۾ ٿي.

11ـ سيپٽمبر:

سيد پير حاجي امام الدين راشديءَ جو انتقال ٿيو (27ـ ربيع الثاني 1350هـ). پاڻ پير سيد رشيد الدين صاحب العلم الثالث جو فرزند هئو.

15ـ سيپٽمبر:

مولانا دين محمد بنوي ولد ڳهٽو خان چانڊيو گذاري ويو.

4ـ نومبر:

سنڌي مسلم ادبي سوسائٽي جي مئنيجنگ ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ مهيني جي آخري آچر تي مشاعرو منعقد ٿيندو. مشاعره ڪميٽي قائم ڪئي ويئي جنهن جو چيئرمين ميان محمد بخش "واصف" ۽ سيڪريٽري حڪيم الله خان ممتاز کي مقرر ڪيو ويو.

13ـ ڊسمبر:

سنڌي مسلم ادبي سوسائٽي طرفان پهريون مشاعرو ڪيو ويو. ان مشاعري جي مصرع هن طرح هئي:

"سج چڙهي آيو مٿي اُٿ ننڊ مان بيدار ٿي"

25ـ ڊسمبر:

سردار واحد بخش ڀُٽي جو وصال ٿيو.

## 1932ع

2ـ جنوري:

سنڌي مسلم ادبي سوسائٽي پاران ٿياسافيڪل هال ۾ شاهہ ڀٽائيؒ جي ورسي ملهائڻ جو انتظام ڪيو ويو.

7ـ فيبروري:

آخوند عبدالقادر "بيدل" ولد محمد پناهہ ڀٽي (ڄم 1837ع) جو انتقال ٿيو.

14ـ مارچ:

زرڪ خان لاشاري جو انتقال ٿيو. پاڻ ڏٽي بخش لاشاري جو فرزند ۽ سنڌ جي مشهور شاعر رشيد احمد لاشاري جو والد هو. پاڻ خود بہ شاعر هئو. سندس تخلص "زرڪ" هئو.

Gul Hayat Institute

20_ اپريل:
مولوي عبدالله بنگلديرائي جو وصال ٿيو. (ڄم 1244هہ).
12_ مئي:
مخدوم امير احمد، نوشهروفيروز جي گورنمينٽ مدرسي ۽ هاءِ اسڪول ۾
پهريون عربي ٽيچر مقرر ٿيو.
19_ مئي:
مرزا قربان علي بيگ "قربان" ولد مرزا قاسم علي بيگ جو انتقال ٿيو.
26_ جون:
بزمِ مشاعره لاڙڪاڻي پاران ميان علي قادري جي اوطاق تي عبدالرزاق
"رفعت" جي صدارت هيٺ هن طرح تي مشاعرو ٿيو:
"نگاهِ قيس کي پرواهہ ڇا ليليٰ جي بسمل جي"

